جمهوري سوچ جي ترجمان
ABC CARTL
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ
ايڊيٽر: سيد گل شاه
جلد 17 | اڱارو 27 آڪٽوبر 2026ع بمطابق 15 جمادي الاول 1448هه | قيمت: 20 | شمارو 16

افغان طالبان جا الزام بي بنياد آهن، پاڪستان جي خودمختياري کي چئلينج ڪندڙن کي جواب ملندو: پرڏيهي ترجمان

پاڪستان کي دهشتگرد حملن جي جواب ۾ پنهنجي دفاع جو حق حاصل آهي. افغان طالبان جي پرڏيهي وزارت جي ترجمان عبدالقاهر بلخي هڪ انٽرويو ۾ دعويٰ ڪئي هئي

2022ع کان افغانستان تي پاڪستان جي حملن جي نتيجي ۾ هينئر تائين 1119 افغان شهري مارجي يا زخمي ٿي چڪا آهن

ورغلائيندڙ جاڻ ۽ بيانيا افغانستان مان سرگرم دهشتگرد نيٽ ورڪن جي خطري کي لڪائي نٿا سگهن ۽ نه ئي افغان طالبان حڪومت کي ان ذميواريءَ کان آجو ڪري سگهن ٿا

رڳو هلندڙ سال پاڪستان ۾ اهڙن حملن جي نتيجي ۾ 3500 کان وڌيڪ ماڻهو شهيد يا زخمي ٿي چڪا آهن، گڏيل قومن جي لاڳاپيل ادارن، جن ۾ مانيٽرنگ ٽيم پڻ شامل آهي

هزارين پاڪستاني شهري اهڙن دهشتگرد پسند حملن ۾ شهيد ٿي چڪا آهن، جن جي منصوبابندي، مالي مدد ۽ ڪارروائيون افغان سرزمين تان ڪيون ويون

پاڪستان عالمي برادريءَ تي زور ڏنو آهي ته گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي لاڳاپيل ٺهرائن ۽ ٻين واعدن تي عمل نه ڪرڻ تي افغان طالبان حڪومت کي جوابده بڻايو وڃي

ڪراچي (رپورٽر) پرڏيهي ڪاتي، افغان طالبان حڪومت پاران دهشتگردن خلاف ڪارروائين دوران افغان شهرين جي مارجڻ بابت مڙهيل الزامن کي بي بنياد قرار ڏيندي چيو آهي ته پاڪستان کي دهشتگرد حملن جي جواب ۾ پنهنجي دفاع جو حق حاصل آهي. افغان طالبان جي پرڏيهي وزارت جي ترجمان عبدالقاهر بلخي هڪ انٽرويو ۾ دعويٰ ڪئي هئي ته 2022ع کان افغانستان تي پاڪس/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

مڪ دفاعي معاهدو: اعليٰ اختيارين جي ايراني قيادت سان ملاقات طئي، فيلڊ مارشل تهران پهچي ويو

فيلڊ مارشل سيد عاصم منير تهران پهچي ويو آهي، جتي هو جنگ ۽ علائقائي ڇڪتاڻ جي حوالي سان اهم اجلاس ۾ شريڪ ٿيندو

چيف آف آرمي اسٽاف، چيف آف ڊفينس فورسز، فيلڊ مارشل سيد عاصم منير سرڪاري دوري تي ايران جي راڄڌاني تهران پهچي ويو

جتي مڪ دفاعي معاهدي جي تحت سعودي عرب، پاڪستان ۽ ترڪيه جي عسڪري قيادت جي ايراني سان ملاقاتن جو امڪان آهي

انهي اهم اجلاس جو مقصد خطي ۾ جاري جنگ ۽ وڌندڙ ڇڪتاڻ جي حوالي سان سيڪيورٽي معاملا ۽ علائقائي تعاون تي خيالن جي ڏي وٺ ڪرڻ آهي

سعودي عرب تي حوثي حملن کان پوءِ ايران، سعودي عرب، پاڪستان ۽ ترڪيه جي وچ ۾ اعليٰ سطح تي اها پهرين ملاقات ٿيندي

اجلاس مڪ گڏيل دفاعي معاهدي ۾ شامل ٽنهي ملڪن ۽ ايران جي وچ ۾ مجوده تڪرار جي دوران پهريون اعليٰ سطحي رابطو ٿيندو

راولپنڊي (م د) فيلڊ مارشل سيد عاصم منير تهران پهچي ويو آهي، جتي هو جنگ ۽ علائقائي ڇڪتاڻ جي حوالي سان اهم اجلاس ۾ شريڪ ٿيندو. چيف آف آرمي اسٽاف، چيف آف ڊفينس فورسز، فيلڊ مارشل سيد عاصم منير سرڪاري دوري تي ايران جي راڄڌاني تهران پهچي ويو آهي، جتي مڪ دفاعي معاهدي جي تحت سعودي عرب، پاڪستان ۽ ترڪيه جي عسڪري قيادت جي ايراني/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

تهران: فيلڊ مارشل عاصم منير ايئرپورٽ پهچڻ تي ايراني صدر استقبال ڪندي

چين جو سرحد تي امن برقرار رکڻ لاءِ ڀارت سان گڏجي ڪم ڪرڻ تي راضپو ظاهر

چين ڀارت سان ٿيل لاڳاپيل معاهدن ۽ اهم اتفاقن تي هميشه سختيءَ سان عمل ڪندو رهيو آهي

علائقائي خودمختياريءَ جي تحفظ ۽ سرحدي استحڪام کي برقرار رکڻ لاءِ چين سرحدي علائقن ۾ باقاعدگيءَ سان گشت ۽ نگرانيءَ جون سرگرميون ڪندو آهي

ڀارت به ٻطرفن معاهدن تي عمل ۽ سرحدي علائقن ۾ امن ۽ استحڪام برقرار رکڻ لاءِ چين سان گڏجي ڪم ڪندو ۽ ان سلسلي ۾ عملي قدم کڻندو

بيجنگ (م د) چيني پرڏيهي وزارت اروناچل پرديش ۾ ٻنهي ملڪن جي فوجين وچ ۾ ڇڪتاڻ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

شهباز شريف جي اڳواڻيءَ ۾ حڪومت جامع ۽ سڀني کي گڏ کڻي هلندڙ قومي ترقيءَ لاءِ ڪوشان آهي: احسن اقبال

ترقياتي منصوبن، سرڪاري سيڙپڪاري ۽ قومي ترجيحن بابت شفاف معلومات جي فراهمي عوامي آگاهي ۽ مؤثر شرڪت لاءِ اهم آهي

وزارت پاران جاري ڪيل معلومات ذريعي عوام کي سرڪاري سيڙپڪاري، ترقياتي منصوبن تي پيش رفت ۽ ترقياتي ترجيحن کان آگاهه ڪيو پيو وڃي

اسلام آباد (بيورو) وفاقي وزير منصوبابندي، ترقي ۽ سڌارن ۽ خاص اقدامن پروفيسر احسن اقبال /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

نارووال: انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالوجي يونيورسٽي جي نارووال ڪيمپس ۾ تقريب دوران وفاقي وزير احسن اقبال کي گلدستو پيش ڪندي

اڳوڻو آرمي چيف جنرل (ر) عبدالوحيد ڪاڪڙ لاڏاڻو ڪري ويو

پاڪ فوج جي سمورين رينڪس جنرل (ر) عبدالوحيد ڪاڪڙ جي لاڏاڻي تي ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو

راولپنڊي (م د) اڳوڻو آرمي چيف جنرل (ر) عبدالوحيد ڪاڪڙ راولپنڊي ۾ لاڏاڻو ڪري ويو آءِ ايس پي آر موجب فيلڊ مارشل عاصم منير ۽ پاڪ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

راولپنڊي: عليم خان خلاف محفوظ فيصلو چوٿون ڀيرو ملتوي

راولپنڊي (م د) دهشتگردي ٽوڙ خصوصي عدالت عليم خانم سميت 11 جوابدارن خلاف محفوظ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

اهو هڪ ويڙهاڪ وزيراعظم آهي، ٽرمپ نيتن ياهو جي حمايت ۾ سامهون اچي ويو

واشنگٽن (م د) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ اسرائيلي عوام کان نيتن ياهو کي ووٽ ڏيڻ جي اپيل /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

دوحا: وفاقي وزير جام ڪمال خان اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

ٽرمپ کي ڌڪو، برازيل ۾ لولا چوٿون ڀيرو صدر چونڊجي ويو

سندس شڪست کاڌل مخالف ۽ آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي حامي سينيٽر فلاويو بولسونارو نتيجا قبول ڪرڻ کان انڪار

80 سالن جي کاٻي ڌر جي اڳواڻ 52 سيڪڙو کان ٿورا گهٽ ووٽ حاصل ڪري ٻئي مرحلي جي چونڊ کٽي ورتي

برازيليا (م د) برازيل جو صدر لوئز اناسيو لولا دا سلوا /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

خان جي ڀينرن جي نظربنديءَ ۾ وڌيڪ 30 ڏينهن جي واڌ

ڊپٽي ڪمشنر ٽنهي ڀينرن جي نظربنديءَ جو مدو مڪمل ٿيڻ کانپوءِ ٻيهر واڌ ڪرڻ جي تجويز موڪلي هئي

جنهن جي حڪومت منظوري ڏئي ڇڏي آهي

لاهور (م د) اڳوڻي وزيراعظم عمران خان جي ٽنهي ڀينرن جي نظربنديءَ ۾ وڌيڪ 30 ڏينهن جي واڌ ڪئي وئي آهي، سرڪاري وڪيل موجب ڊپٽي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

نائڪ سيف علي شهيد جي 78هين ورسي، ڀيٽا پيش

راولپنڊي (م د) هٿياربند فوجن پاران نائڪ سيف علي جنجوعه شهيد جي 78هين ورسيءَ جي موقعي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

دهشتگرديءَ خلاف جنگ ۾ فورسز جي بهادري، پيشه ورانه صلاحيتون ۽ قربانيون قابل قدر آهن: بلاول ڀٽو

بلاول ڀٽو زرداري ديرا اسماعيل خان ۾ آپريشن دوران شهادت جو رتبو ماڻيندڙ نائيڪ غلام مرتضيٰ ۽ سپاهي تاثير احمد کي خراج عقيدت پيش ڪيو

پيپلز پارٽيءَ جي چيئرمين بلوچستان جي علائقي قلعه سيف الله ۾ دهشتگرد ڪمانڊر جي مارجڻ کي سيڪيورٽي فورسز جي مؤثر ڪارروائين جو ثبوت قرار

لاڙڪاڻو: آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي چيئرمين ب/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

گليشيئرز جو پگهرجڻ ۽ ڪلائوڊ برسٽ موسمياتي تبديلي جي سنگين اثرن ۾ شامل آهي: وفاقي وزير

سڄي دنيا جي مختلف ملڪن ۾ آبادين، انساني زندگين ۽ تهذيبن کي متاثر ڪيو آهي گرين هائوس گئسن جي نيڪال ۾ گهٽتائي ۽ متاثر ملڪن تائين موسمياتي مالي مدد جي فراهمي اٽل آهي

ٻوڏون وڏي پيماني تي جاني ۽ مالي نقصانن جو سبب بڻجن ٿيون، موسمياتي تبديلي موجوده وقت جو سڀ کان وڏو چئلينج آهي

عالمي گرمي پد ۾ اضافي سبب گليشيئرز جي پگهرجڻ ۽ ڪلائوڊ برسٽ سان پاڪستان سميت دنيا جي مختلف ملڪن کي سنگين خطرا درپيش آهن

اسلام آباد (بيورو) موسمياتي تبديلي ۽ ماحولياتي هم آهنگي واري وفاقي وزير ڊاڪٽر مصدق ملڪ چيو آهي، ته گليشيئرز جو پگهرجڻ ۽ ڪلائوڊ برسٽ موسمياتي تبديلي جي سنگين اثرن ۾ شامل آهي جنهن جي نتيجي ۾ پاڪستان سميت سڄي دنيا جي مختلف ملڪن ۾ آبادين، انساني زندگين ۽ تهذيبن کي متاثر ڪيو آ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر18

شهباز شريف کي هڪ ڪلو سون، اسحاق ڊار کي سڀني کان وڌيڪ 19 تحفا مليا، توشه خانه جو رڪارڊ جاري

صدر، وزيراعظم سميت ڪيترين ئي حڪومتي شخصيتن کي قيمتي تحفا مليا. ڪابينه ڊويزن جي پڌرائي موجب سمورا تحفا ڪابينه ڊويزن جي حوالي ڪيا ويا

صدر، وزيراعظم، وفاقي وزيرن، سرڪاري آفيسرن ۽ ٻين لاڳاپيل عهديدارن کي پرڏيهي سربراهه، حڪومتون ۽ اهم شخصيتن طرفان ملندڙ تحفا جمع ڪرايا ويندا آهن

لاڳاپيل قاعدن جي تحت سرڪاري عهديدارن لاءِ اهڙن تحفن جي اطلاع ڏيڻ ۽ انهن کي توشه خانه ۾ جمع ڪرائڻ لازمي آهي

اسلام آباد (بيورو) ڪابينه ڊويزن توشه خانه جو جولاءِ کان سيپٽمبر جو رڪارڊ جاري ڪري ڇڏيو صدر، وزيراعظم سميت ڪيترين ئي حڪومتي شخصيتن کي قيمتي تحفا مليا. ڪابينه ڊويزن جي پڌرائي موجب سمورا تحفا ڪابينه ڊويزن جي حوالي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

ڪراچي: يوم سياهه ڪشمير جي حوالي سان سنڌ حڪومت جي ترجمان سعديه جاويد پريس ڪانفرنس ڪندي

ڊيره اسماعيل خان: سيڪيورٽي فورسز جي ڪارروائي ۾ 6 دهشتگرد مارجي ويا، 2 اهلڪار شهيد

زرڪائي ۾ ڀارتي حمايت يافته فتنه الخوارج جي موجودگي جي ڳجهي اطلاع جي بنياد تي ڪارروائي ڪئي

36 ورهين جو نائيڪ غلام مرتضيٰ ضلع تله گنگ سان تعلق رکندڙ 30 ورهين جو سپاهي تاثير بهادري سان وڙهندي شهادت ماڻي

مارجي ويل دهشتگرد علائقي ۾ سيڪيورٽي فورسز، قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي خلاف دهشتگردي جي ڪارروائين ۽ بي گناهه شهرين جي قتل جي وارداتن ۾ سرگرم هئا

راولپنڊي (م د) سيڪيورٽي فورسز خيبرپختونخواهه جي ضلعي ڊيره اسماعيل خان ۾ خوارج جي موجودگي بابت ڳجهي ڄاڻ جي بنياد تي ڪارروائي ڪئي، جنهن ۾ 6 دهشتگرد مارجي ويا جڏهن ته فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ پاڪ فوج/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

نائيڪ غلام مرتضيٰ ۽ تاثير احمد پنهنجي حياتين جون قربانيون ڏئي دشمن جي ارادن کي ناڪام بنايو: وفاقي گهرو وزير

وفاقي گهرو وزير محسن نقوي ڊيره اسماعيل خان ۾ ڀارتي دهشتگردن جي خلاف ڪامياب آپريشن تي سيڪيورٽي فورسز جي تعريف ڪئي

نائيڪ غلام مرتضيٰ ۽ سپاهي تاثير احمد پنهنجي حياتين جون قربانيون ڏئي دشمن جي ارادن کي ناڪام بنايو

سيڪيورٽي فورسز جي بهادر جوانن کي سلام پيش ڪريان ٿو قوم کي سيڪيورٽي فورسز جي پيشه ورانه صلاحيتن ۽ جرئت تي ناز آهي

اسلام آباد (بيورو) وفاقي گهرو وزير محسن نقوي ڊيره اسماعيل خان ۾ ڀارتي دهشتگردن جي خلاف ڪامياب آپريشن تي سيڪيورٽي فورسز جي تعريف ڪئي ۽ چيو ته سيڪيورٽي فورسز وقت تي ڪارروائي ڪري 6 دهشتگردن کي ماري ڇڏيو. وفاقي گهرو وزير بهادري سان مقابلو ڪندي شهادت ماڻيندڙ نائيڪ غلام مرتضيٰ ۽ سپاهي تاثير احمد کي خراج عقيدت پيش ڪيو ۽ وارثن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

اسٽيٽ بئنڪ پاران وياج جي شرح ۾ واڌ، نئين شرح 12 سيڪڙو مقرر

وياج جي شرح ۾ 50 بيسز پوائنٽس واڌ ڪئي وئي، جنهن جي حمايت مانيٽري پاليسي ڪميٽي جي 10 مان 9 ميمبرن ڪئي

تيل جي اگهن ۾ واڌ، پيٽروليم شين جا اگهه 100 ڊالر في بيرل کان مٿي رهڻ ۽ ڪٽڪ مهانگي ٿيڻ سبب مهانگائي وڌڻ جا خدشا آهن

هلندڙ مالي سال دوران ملڪ جي معاشي واڌ جي شرح 3.5 کان 4.5 سيڪڙو رهڻ جو امڪان آهي

ڪراچي (رپورٽر) اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان مانيٽري پاليسي جو اعلان ڪندي وياج جي شرح 11.5 سيڪڙو مان وڌائي 12 سيڪڙو ڪري ڇڏي آهي. گورنر اسٽيٽ بئنڪ جميل احمد موجب، وياج جي شرح ۾ 50 بيسز پوائنٽس واڌ ڪئ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

ڀارت 4 پاڪستاني ماهيگيرن کي گرفتار ڪري ورتو آهي: فشر فوڪ فورم

ڀارتي فورسز ماهيگيرن کي گذريل ڏينهن گرفتار ڪيو ۽ سندن فائبر فشنگ ٻيڙي به تحويل ۾ ورتي

چارئي ماهيگير سجاول جي ساحلي علائقي ڇڇ جهان خان سان تعلق رکن ٿا

ڪراچي (رپورٽر) فشر فوڪ فورم موجب ساموندي حدن سرڪريڪ مان ڀارتي سيڪيورٽي فورس 4 پاڪستاني ماهيگيرن کي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

پهلوان ڳوٺ ۾ حدخلين خلاف آپريشن ڪندڙ ٽيم تي حملو

مڃريل ماڻهن پٿراءُ ڪري حدخلين خلاف آپريشن ڪندڙ ٽيم جي گاڏين جا شيشا پڻ ٽوڙي ڇڏيا

واقعي کانپوءِ صورتحال تي ضابطو آڻڻ لاءِ پوليس جي وڏي نفري طلب ڪئي وئي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچيءَ جي علائقي پهلوان ڳوٺ ۾ ڪي ايم سي جي حدخلين خلاف آپريشن دوران مڃريل ماڻهن ٽيم تي حملو ڪري ڏنو /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

ليوي ختم نه ٿي ته اسلام آباد طرف لانگ مارچ ٿيندو: حافظ نعيم

حڪومت پيٽروليم ليوي جي خاتمي ۽ عوام کي رليف ڏيڻ جا مطالبا نه مڃيا ته نومبر جي وچ ۾ اسلام آباد طرف لانگ مارچ ڪنداسين

هن خيبرپختونخواهه ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ جي به مذمت ڪندي انهي کي انساني حقن جي ڀڃڪڙي قرار ڏنو

پيٽروليم ليوي ختم ڪرڻي پوندي، ڇو ته عوام تي ٽيڪسز جو بار وڌي رهيو آهي، مافيائز جي منافعي ۾ اضافو ٿي رهيو آهي

حڪومت احتجاج جي نتيجي ۾ پيٽروليم قيمتن ۾ رليف ڏنو پر اهو ڪافي نه آهي، وزيرن هڪ دفعو ٻيهر جماعت اسلامي جي ڪميٽي سان رابطو ڪيو آهي

لاهور (م د) جماعت اسلامي پاڪستان جي امير حافظ نعيم چيو آهي ته حڪومت پيٽروليم ليوي جي خاتمي ۽ عوام کي رليف ڏيڻ جا مطالبا نه مڃيا ته نومبر جي وچ ۾ اسلام آباد طرف لانگ مارچ ڪنداسين. هن خيبرپ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

پاڪستان سميت سڄي دنيا ۾ ڊاڪٽرن ۽ نرسن جي وڏي ضرورت آهي: سعيد غني

اسان کي پنهنجي معاشري جون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ وڌيڪ ڊاڪٽر ۽ نرسون تيار ڪرڻيون پونديون

ملڪ جي ضرورت پوري ڪرڻ کانپوءِ جيڪڏهن اهي ٻاهرين ملڪن ۾ روزگار حاصل ڪن ٿا ته ان عمل کي برين ڊرين (صلاحيتن جو ملڪ مان ٻاهر وڃڻ) نٿو چئي سگهجي

پر اهو ملڪي معيشت لاءِ سهارو بڻجي ٿو. اسان کي ڊاڪٽرن ۽ نرسن جي تربيت ڏيندڙ ادارن جي سرپرستي ۽ حوصلا افزائي ڪرڻ گهرجي

نمايان پوزيشنون حاصل ڪندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين ۾ گولڊ، سلور ۽ برونز ميڊل پڻ ورهايا ويا

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي محنت، افرادي قوت ۽ سماجي تحفظ واري صوبائي وزير سعيد غني چيو آهي ته پاڪستان سميت سڄي دنيا ۾ ڊاڪٽرن ۽ نرسن جي وڏي ضرورت آهي، تنهن ڪري اسان کي پنهنجي معاشري جون ضرورتون پوريون/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر30

ايل پي جي مهانگي، في ڪلو 650 رپيا برقرار

لاهور ۾ ايل پي جي جا دڪان واپارين جي هڙتال سبب ٻئي ڏينهن به بند رهيا

ڪوئيٽا ۾ ايل پي جي جي اگهه ۾ 30 رپيا في ڪلو گهٽتائي کانپوءِ قيمت 520 رپيا ٿي وئي آهي

ڪراچي (رپورٽر) ملڪ جي مختلف شهرن ۾ ايل پي جي جا اگهه گهٽجي نه سگهيا آهن. في ڪلو قيمت 600 کان 650 رپين تائين برقرار آهي. لاهور /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

قبو سعيد خان، عورت جو گولين لڳل لاش هٿ

قبو سعيد خان (رپورٽر) ميرڻ ماڇي لڳ ڳوٺ پنهل خاصخيلي ۾ 22 ورهين جي عورت جو گولي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

ڀارتي سيڪيورٽي فورسز هٿان سجاول واسي 4 مهاڻا گرفتار

چوهڙجمالي (رپورٽر) چوهڙجمالي ڀرسان شاهبندر جي ساموندي ٽڙ سير ڪريڪ وٽان ڪيڪ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

ايسٽ زون پوليس ڪارروائي، بين الاقوامي منشيات سپلاءِ نيٽ ورڪ ۾ مبينا طور ملوث مڙس ۽ زال کي گرفتار ڪري منشيات هٿ ڪري ورتي

ڪراچي (رپورٽر) ايسٽ زون پوليس ڪارروائي ڪندي بين الاقوامي منشيات سپلاءِ نيٽ ور/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

لاهور: امير جماعت اسلامي حافظ نعيم پريس ڪانفرنس ڪندي

شهيد دودو سومرو اتحاد آرگنائيزيشن پاڪستان ۾ نيون شموليتون

اسلم الدين سومرو، اعجاز احمد سومرو ۽ ايڊووڪيٽ پرويز احمد سومرو جي آجيان

تنظيمي اڳواڻن نين شموليتن کي خوش آئند قرار ڏيندي تنظيم جي سرگرمين کي وڌيڪ فعال ۽ وسيع ڪرڻ جي عزم جو اظهار

ڪراچي (رپورٽر) شهيد دودو سومرو اتحاد آرگنائيزيشن پاڪستان ۾ اسلم الدين سومرو، ٽوديرو لاڙڪاڻو اعجاز احمد سومرو ۽ سينيئر قانوندا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

ڪراچي: شاهراهه ڀٽو تي ٽن ڪارن ۾ ٽڪر، 1 ڄڻو فوت

بابا ولايت شاهه جي مزار ڀرسان ٽن ڪارن وچ ۾ ٽڪر جي نتيجي ۾ هڪ ڄڻو فوت ٿي ويو

حادثي کانپوءِ فوت ٿيل شخص ۽ زخمي نوجوان کي جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچيءَ ۾ شاهراهه ڀٽو تي بابا ولايت شاهه جي مزار ڀرسان ٽن ڪارن وچ ۾ ٽڪر جي نتيجي ۾ هڪ ڄڻو فوت ٿي ويو. هڪ نوجوا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

گمبٽ ۾ شادي جي تقريب ۾ فائرنگ، نينگر فوت

هڪ نوجوان زخمي ٿي پيو. واقعي کانپوءِ فوت ٿيل ٻار ۽ زخمي نوجوان کي اسپتال منتقل ڪيو ويو

واقعي جي اطلاع تي پوليس جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي

گمبٽ (رپورٽر) ٽنڊو مستي ٿاڻي جي حد ۾ ڳوٺ لال ڏنو اڄڻ ۾ شاديءَ جي تقريب دوران فائرنگ جي نتيجي ۾ ڳوٺ جو 8 ورهين جو پائيتيو فوت /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

صدر ٽائون جي ترقي ۽ عوامي مسئلن جو حل پهرين ترجيح آهي: منصور احمد شيخ

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان تحريڪ انصاف ڪراچي ڊويزن جي سينيئر نائب صدر ۽ چيئرمين /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر31

ڪلفٽن جي ساحل تي نادر نسل جو هڪ ساموندي ڪڇو مئل حالت ۾ هٿ

ڪراچي (رپورٽر) ڪلفٽن جي ساحل تي نادر نسل جو هڪ ساموندي ڪڇو مئل حالت ۾ مليو، جنهن تي فشرمين سجاڳ فورم /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر32



ڪراچي: ڊيفنس جي هائوس آف پيپلز ۾ ذهني صحت جي حوالي سان آگاهي ڏيندي

دهشت گردي ٽوڙ جي انتظامي عدالت بارودي مواد ۽ غير قانوني هٿيار رکڻ جي ڪيس ۾ گرفتار

ڪراچي (رپورٽر) دهشت گردي ٽوڙ جي انتظامي عدالت بارودي مواد ۽ غير قانوني هٿيا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر33

مدرسن خلاف ڪا به سازش قبول نه ڪئي ويندي: ڊاڪٽر اي جي انصاري

قائد جمعيت مولانا فضل الرحمان جي قيادت ۾ جي يو آءِ جا لکين ڪارڪن هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهن

الله تعاليٰ کان دعا ڪئي ته مرحوم کي جنت الفردوس ۾ جڳهه ۽ لواحقين کي صبر جي توفيق عطا فرمائي

ڪراچي (رپورٽر) جمعيت علماءِ اسلام سنڌ جي پريس سيڪريٽري ڊاڪٽر اي جي انصاري چيو آهي ته ديني مدرسن خلاف ڪا به سازش قبول نه ڪئي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر34

جناح اسپتال ۾ ڊاڪٽرن تي مبينا تشدد، جوابدار گرفتار نه ٿيا ته مريضن جو علاج متاثر ٿيندو: ينگ ڊاڪٽرز جو ڇتاءُ

واقعي ۾ ٻه ڊاڪٽر سخت زخمي ٿيا، جن مان هڪ جي ٻانهن ڀڄي پئي، ٻئي ڊاڪٽر جي هڪ اک جي نظر سخت متاثر ٿيڻ جو خدشو ظاهر ڪيو ويو

احتجاج ڪندڙ ڊاڪٽرن واقعي کي اسپتال جي سيڪيورٽي نظام جي ناڪامي قرار ڏيندي مطالبو

حملي ۾ ملوث سمورن جوابدارن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ کين 24 ڪلاڪن اندر گرفتار ڪيو وڃي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي جناح اسپتال جي ايمرجنسي شعبي ۾ ڊاڪٽرن تي مبينا تشدد واري واقعي خلاف ينگ ڊاڪٽرز ايسوسيئيشن طرفان سرجيڪل ڪمپليڪس ٻاهران احتجاج ڪيو ويو. ايسوسيئيشن موجب، واقعي ۾ ٻه ڊاڪٽر/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

ڪراچي: ادارهِ نورحق ۾ جماعت اسلامي ڪراچي جي امير منعم ظفر خان پريس ڪانفرنس ڪندي

مري ۾ شادي مان واپسي تي گاڏي اونهي کاهي ۾ ڪري پئي، هڪ ئي خاندان جا 7 ڄڻا فوت

گاڏي ۾ ٽوٽل 14 ڄڻا سوار هئا جيڪي ويجهي ڳوٺ ۾ منعقد شادي جي تقريب ۾ شرڪت کان پوءِ واپس گهر ڏانهن اچي رهيا هئا

حادثو انتهائي شديد نوعيت جو هو کاهي ۾ ڪرڻ جي فورن بعد گاڏي ۾ باهه لڳي وئي هئي

گذريل ڏينهن به مظفر آباد جي ڏوراهين علائقي شڪرپٽيان ۾ مسافر جيپ اونهي کاهي ۾ ڪرڻ جي نتيجي ۾ 7 ڄڻا فوت ٿي ويا هئا

مري (م د) مري جي علائقي ٻڙوها لنڪ روڊ تي گاڏي اونهي کاهي ۾ ڪري پئي جنهن جي نتيجي ۾ هڪ ئي خاندان جا 7 ڄڻا ٿڏي تي فوت ٿي ويا. ريسڪيو ذريعن واقعي جا تفصيل ٻڌائيندي چيو ته گاڏي ۾ ٽوٽل 14 ڄڻا سوار هئا جيڪي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر35

جمهوري سوچ جي ترجمان
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهہ شيرازي
اڱارو 27 آڪٽوبر 2026 ع بمطابق 15 جمادي الاول 1448ھ

سنڌ ۾ انساني زندگيون ۽ حڪومتي ذميواريون

سنڌ ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر هڪ هفتي اندر ڪاري ڪاري ۽ غيرت جي نالي تي هڪ درجن کان وڌيڪ انساني زندگين جو خاتمو سماج لاءِ انتهائي ڳڻتيءَ جوڳو ۽ افسوسناڪ عمل آهي. ٻئي طرف خودڪشيءَ جا وڌندڙ واقعا ۽ خراب ٽريفڪ نظام سبب ٿيندڙ حادثا بہ انساني زندگين لاءِ خطرو بڻيل آهن. اهي واقعا رڳو انفرادي مسئلا ناهن، پر سماجي شعور، قانون جي عملداري ۽ حڪومتي ذميوارين تي بہ سوال اٿارين ٿا. جڏهن هڪ ئي هفتي ۾ ڪيترائي ماڻهو قتل ٿين، نوجوان مايوسيءَ سبب پنهنجون حياتيون وڃائين ۽ روڊن تي حادثن ۾ قيمتي جانيون ضايع ٿين، تڏهن حڪومت، انتظاميا ۽ سماج جي گڏيل ڪردار جو جائزو وٺڻ ضروري بڻجي وڃي ٿو.

ڪاري ڪاري ۽ غيرت جي نالي تي قتل سنڌ جي سماج تي هڪ بدنما داغ آهن. ڪنهن بہ عورت يا مرد تي الزام لڳائي کيس قتل ڪرڻ جو اختيار ڪنهن فرد، خاندان يا جرڳي کي حاصل ناهي. ڏوهہ جو فيصلو ڪرڻ عدالتن جو ڪم آهي، جڏهن تہ قانون هٿ ۾ کڻڻ ۽ ڪنهن جي زندگي ختم ڪرڻ سنگين ڏوهہ آهي. افسوس جو ڪيترن ئي واقعن ۾ خانداني تڪرارن، ذاتي دشمني ۽ ملڪيت جي معاملن کي بہ غيرت جو نالو ڏئي انساني زندگيون ختم ڪيون وڃن ٿيون. اهڙن واقعن جي روڪٿام لاءِ رڳو مذمت ڪافي ناهي، پر پوليس کي فوري ڪارروائي، جوابدارن جي گرفتاري، شفاف جاچ ۽ عدالتن ۾ ڪيسن جي اثرائتي پيروي يقيني بڻائڻي پوندي. ساڳئي وقت عورتن جي تحفظ، قانوني ڄاڻ ۽ سماجي شعور لاءِ ڳوٺن، شهرن، تعليمي ادارن ۽ مقامي برادرين ۾ منظم مهم هلائڻ جي ضرورت آهي.

خودڪشيءَ جا واقعا بہ سنجيده ڌيان گهرن ٿا. بيروزگاري، غربت، قرضن، گهريلو تڪرارن، سماجي دٻاءَ ۽ نااميدي جهڙا عنصر ماڻهن کي سخت ذهني اذيت ۾ مبتلا ڪري سگهن ٿا. حڪومت کي گهرجي تہ اهڙن واقعن جي سببن بابت تحقيق ڪرائي، صحت جي سهولتن سان گڏ ذهني صحت جي مدد کي عام ڪري ۽ نوجوانن لاءِ روزگار، تعليم ۽ فني سکيا جا موقعا وڌائي. ڪنهن بہ ماڻهوءَ جي زندگي بچائڻ لاءِ وقت سر مدد، همدردي ۽ سهڪار اهم آهن.

انهيءَ سان گڏ سنڌ جي روڊن ۽ ٽريفڪ نظام جي خراب صورتحال بہ حڪومتي ڪارڪردگيءَ جو اهم امتحان آهي. ٽٽل رستا، کليل کڏا، غير محفوظ موڙ، ٽريفڪ اشارن جي کوٽ، تيز رفتاري، بنا تربيت ڊرائيونگ ۽ قانون تي عمل نہ ٿيڻ سبب حادثا ٿين ٿا. روڊن جي تعمير ۽ مرمت ۾ لاپرواهي رڳو ترقياتي ڪمزورين جو مسئلو ناهي، پر انساني زندگين سان لاڳاپيل معاملو آهي. سنڌ حڪومت کي روڊن جي مرمت لاءِ هنگامي بنيادن تي قدم کڻڻ، تعميراتي ڪمن جي معيار جي نگراني، ٽريفڪ قانونن تي سختيءَ سان عمل، ڊرائيورن جي تربيت ۽ حادثن وارن هنڌن تي حفاظتي انتظام ڪرڻ گهرجن. ضلعي انتظاميا ۽ لاڳاپيل ادارن کي پنهنجي ڪارڪردگيءَ بابت جوابده بڻائڻ بہ ضروري آهي.

سوال اهو آهي تہ انهن مسئلن جي حل لاءِ حڪومت کي آخر ڪيترو وقت گهرجي؟ عام ماڻهو اڪثر چوندا آهن تہ حڪومت جيڪڏهن سنجيدگيءَ سان غور ڪري تہ مسئلن جي حل لاءِ هڪ منٽ بہ ڪافي ٿي سگهي ٿو؛ پر حقيقت اها آهي تہ فيصلو ڪرڻ ۾ هڪ منٽ لڳي سگهي ٿو، جڏهن تہ ان تي عمل ڪرڻ لاءِ مضبوط ارادو، واضح منصوبابندي ۽ مسلسل نگراني گهربل هوندي آهي. سنڌ حڪومت کي گهرجي تہ انساني زندگين جي تحفظ کي پنهنجي پهرين ترجيح بڻائي، ڪاري ڪاري جي نالي تي قتلن خلاف بنا فرق قانون لاڳو ڪري، خودڪشيءَ جي روڪٿام لاءِ عملي پروگرام شروع ڪري ۽ روڊن جي حالت بهتر بڻائي. حڪومت جي اصل ڪاميابي بيانن، اعلانن ۽ گڏجاڻين ۾ نہ، پر ان ڳالهہ ۾ آهي تہ ڪيتريون زندگيون بچايون ويون، ڪيترا ڏوهاري قانون جي گرفت ۾ آيا ۽ عوام کي ڪيتريون محفوظ سهولتون مليون. سنڌ جا ماڻهو حڪومت کان رڳو غور ڪرڻ نہ، پر نتيجا ڏيڻ جي اميد رکن ٿا. جيڪڏهن حڪومت وقت سر سنجيده قدم کڻي تہ غيرت جي نالي تي قتل ٿيندڙ معصوم ماڻهن جون زندگيون بہ بچائي سگهجن ٿيون، خودڪشيءَ جي واقعن کي گهٽائي سگهجي ٿو ۽ روڊ حادثن ۾ ٿيندڙ جاني نقصان تي بہ ضابطو آڻي سگهجي ٿو. هاڻي ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ سنڌ حڪومت انساني جان جي اهميت کي سمجهي، قانون جي بالادستي قائم ڪري ۽ پنهنجي ذميوارين کي عملي طور نڀائي.

ٽرمپ جي نئين ڌمڪي، وچ اوڀر جي امن لاءِ خطرو

غلام مصطفيٰ جمالي

دنيا جي سياسي منظرنامي تي جڏهن بہ جنگ جا ڪڪر ڇانئجڻ لڳندا آهن، تڏهن انهن جو اثر رڳو لاڳاپيل ملڪن تائين محدود نہ رهندو آهي، پر ان جي ڇانوَ سڄي دنيا جي معيشت، سياست ۽ عام ماڻهن جي زندگيءَ تي پوندي آهي. هن وقت آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ هڪ اهڙي صورتحال پيدا ڪري رهي آهي، جنهن تي دنيا جا ڪيترائي ملڪ ڳڻتيءَ سان نظر رکي رهيا آهن. آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ پاران ايران تي ممڪن نئين حملي بابت ڏنل بيان خطي ۾ امن جي مستقبل بابت سوال اٿاري ڇڏيا آهن. جيڪڏهن ٻنهي ملڪن وچ ۾ ڳالهين بدران فوجي طاقت جو رستو اختيار ڪيو ويو تہ ان جا نتيجا رڳو ٻنهي ملڪن کي نہ، پر پوري وچ اوڀر کي ڀوڳڻا پئجي سگهن ٿا.

اڄ دنيا کي جنگ کان وڌيڪ امن، ڌمڪين کان وڌيڪ ڳالهين ۽ طاقت جي مظاهري کان وڌيڪ سياسي ڏاهپ جي ضرورت آهي. تاريخ شاهد آهي تہ جنگون شروع ڪرڻ وارا حڪمران ڪڏهن ڪڏهن اهو سمجهندا آهن تہ فوجي برتريءَ ذريعي پنهنجا مقصد آسانيءَ سان حاصل ڪري سگهجن ٿا، پر جنگ جو ميدان اڪثر اهڙا نتيجا سامهون آڻيندو آهي، جيڪي ڪنهن بہ ڌر جي اندازن کان مختلف هوندا آهن. جنگ ۾ فوجي هدفن سان گڏ عام شهر، گهر، اسپتالون، تعليمي ادارا ۽ انساني زندگيون پڻ خطري ۾ پئجي وينديون آهن. ان ڪري ڪنهن بہ نئين فوجي ڪارروائي کان اڳ ان جي امڪاني نتيجن تي سنجيدگيءَ سان غور ڪرڻ ضروري آهي.

آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ اختلافن جي تاريخ ڊگهي آهي. ٻنهي ملڪن جا پنهنجا سياسي، دفاعي ۽ علائقائي مفاد آهن، پر انهن مفادن جي ٽڪراءَ کي حل ڪرڻ لاءِ جنگ ئي واحد رستو ناهي. سفارتڪاريءَ جو مقصد ئي اهو آهي تہ اختلافن باوجود اهڙو رستو ڳوليو وڃي، جنهن سان ڪنهن بہ ڌر کي پنهنجي بنيادي موقف تان مڪمل طور پوئتي هٽڻ کان سواءِ تڪرار گهٽائڻ جو موقعو ملي سگهي. جيڪڏهن ڳالهين جا دروازا بند ڪيا وڃن ۽ هر مسئلي جو جواب ڌمڪيءَ سان ڏنو وڃي تہ پوءِ غلط فهمين ۽ جوابي قدمن جو سلسلو وڌڻ جو خطرو پيدا ٿي ويندو آهي.

آمريڪا دنيا جي وڏي فوجي طاقت آهي، جڏهن تہ ايران وٽ پڻ پنهنجا دفاعي وسيلا ۽ خطي ۾ اثر رسوخ موجود آهي. ٻنهي ملڪن وچ ۾ سڌي فوجي ٽڪراءَ جي صورت ۾ حالتون ڪهڙو رخ اختيار ڪنديون، ان بابت پڪ سان ڪجهہ چوڻ ممڪن ناهي. هڪ ڌر جي حملي کان پوءِ ٻي ڌر جو جواب، وري ان جي ردعمل ۾ وڌيڪ ڪارروائي، اهڙو سلسلو شروع ڪري سگهي ٿي، جنهن کي روڪڻ ڏکيو ٿي پوي. ان جو سڀ کان وڏو نقصان عام ماڻهن کي برداشت ڪرڻو پوندو، جيڪي حڪومتي فيصلن ۾ سڌي ريت شامل نہ هوندا آهن، پر انهن فيصلن جا نتيجا سندن زندگين تي سڌيءَ طرح اثرانداز ٿيندا آهن.

هن بحران جو هڪ اهم پاسو آبنائي هرمز آهي، جيڪو عالمي تيل جي واپار لاءِ انتهائي اهم سامونڊي لنگهہ آهي. دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن جي توانائيءَ جون ضرورتون هن رستي تان گذرندڙ تيل سان لاڳاپيل آهن. جيڪڏهن جنگ سبب هن لنگهہ ۾ سامونڊي آمدرفت متاثر ٿئي ٿي تہ عالمي منڊيءَ ۾ تيل جي فراهميءَ بابت خدشا وڌي سگهن ٿا ۽ قيمتن ۾ واڌ جو دٻاءُ پيدا ٿي سگهي ٿو. اهڙي صورتحال ۾ رڳو وڏيون معيشتون ئي متاثر نہ ٿينديون، پر ترقي پذير ملڪ بہ معاشي مشڪلاتن کي منهن ڏئي سگهن ٿا.

پاڪستان لاءِ اها صورتحال خاص اهميت رکي ٿي، ڇاڪاڻ تہ پاڪستان پنهنجي توانائيءَ جي ضرورتن جو وڏو حصو ٻاهرين ملڪن مان پوري ڪري ٿو. عالمي منڊيءَ ۾ تيل مهانگو ٿيڻ سان ملڪ اندر پيٽرول، ڊيزل، آمدرفت، زرعي خرچن ۽ شين جي پيداوار تي اثر پئجي سگهي ٿو. جڏهن ٻارڻ جا اگهہ وڌن ٿا تہ ان جو بار آخرڪار عام ماڻهوءَ جي کيسي تي پوي ٿو. مزدور جي روزاني ڪمائي، هاريءَ جي پوکائيءَ جو خرچ، ننڍي واپاريءَ جي آمدرفت ۽ وچولي طبقي جي گهريلو بجيٽ، سڀئي متاثر ٿي سگهن ٿا. اهڙيءَ طرح ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ پيدا ٿيندڙ ڇڪتاڻ پاڪستان جي عام شهريءَ لاءِ بہ مهانگائيءَ جي نئين آزمائش بڻجي سگهي ٿي.

پاڪستان جون ايران سان گڏيل سرحدون پڻ آهن، تنهنڪري خطي ۾ امن پاڪستان جي سلامتي ۽ معاشي استحڪام لاءِ اهم آهي. ڪنهن وڏي جنگ جي صورت ۾ سرحدي صورتحال، واپار، آمدرفت ۽ علائقائي لاڳاپن تي دٻاءُ وڌي سگهي ٿو. پاڪستان کي اهڙي صورتحال ۾ پنهنجي قومي مفادن کي نظر ۾ رکندي محتاط ۽ متوازن سفارتڪاري اختيار ڪرڻ گهرجي. جنگ جي باهہ کي وڌائڻ بدران ان کي وسائڻ لاءِ ڪوششون ڪرڻ ئي اهڙو رستو آهي، جيڪو خطي جي ملڪن لاءِ فائديمند ثابت ٿي سگهي ٿو. اسلام آباد کي گهرجي تہ لاڳاپيل ملڪن سان سفارتي رابطا برقرار رکي ۽ اهڙين ڪوششن جي حمايت ڪري، جيڪي ڇڪتاڻ گهٽائڻ ۽ ڳالهين جي بحاليءَ ۾ مددگار ثابت ٿين. پاڪستان جو بنيادي مقصد خطي ۾ امن، پنهنجي سرحدن جي سلامتي ۽ معاشي مفادن جو تحفظ هجڻ گهرجي. ڪنهن بہ عالمي تڪرار بابت جذباتي ردعمل ڏيڻ بدران حقيقتن، قومي مفادن ۽ عالمي قانون جي بنياد تي موقف اختيار ڪرڻ وڌيڪ ضروري آهي. سفارتڪاريءَ ۾ ڪاميابي ان ڳالهہ سان ماپي ويندي آهي تہ تڪرار ڪيترو گهٽايو ويو ۽ انساني جانين کي نقصان کان بچائڻ لاءِ ڪيتري سنجيده ڪوشش ڪئي وئي. هن صورتحال ۾ عالمي طاقتن جو ڪردار پڻ اهم بڻجي وڃي ٿو. گڏيل قومن ۽ ٻين لاڳاپيل عالمي ادارن کي گهرجي تہ اهي ڇڪتاڻ گهٽائڻ، جنگبنديءَ جي امڪانن ۽ ڳالهين جي بحاليءَ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪن. عالمي برادريءَ کي اهو اصول واضح رکڻ گهرجي تہ ڪنهن بہ تڪرار ۾ عام شهرين جو تحفظ، انساني امداد جي فراهمي ۽ عالمي قانون جي پاسداري بنيادي اهميت رکن ٿا. جنگ دوران اسپتالن، رهائشي علائقن ۽ ٻين شهري هنڌن جي حفاظت کي نظرانداز ڪرڻ انساني بحران کي وڌيڪ سنگين بڻائي سگهي ٿو.

آمريڪي صدر جي بيان ۽ ڪنهن حقيقي فوجي ڪارروائيءَ جي وچ ۾ فرق سمجهڻ بہ ضروري آهي. حملي تي غور ڪرڻ بابت بيان جو مطلب اهو ناهي تہ حملو شروع ٿي چڪو آهي يا ان جو حتمي فيصلو ٿي ويو آهي. اهڙي صورتحال ۾ ماڻهن کي غيرمصدقہ خبرن ۽ افواهن تي ڀروسو ڪرڻ بدران معتبر صحافتي ذريعن ۽ سرڪاري بيانن مان معلومات حاصل ڪرڻ گهرجي. غلط خبرون نہ رڳو عوام ۾ خوف پيدا ڪن ٿيون، پر خطي جي صورتحال بابت غيرضروري مونجهارو پڻ وڌائين ٿيون.

جنگ جو هڪ ٻيو وڏو نقصان اهو آهي تہ ان سان ترقيءَ جا موقعا محدود ٿي وڃن ٿا. جيڪي وسيلا تعليم، صحت، روزگار، پاڻي ۽ بنيادي سهولتن تي خرچ ٿي سگهن ٿا، اهي جنگي تيارين ۽ تباهہ ٿيل ڍانچي جي ٻيهر تعمير تي خرچ ڪرڻا پون ٿا. جنگ کان متاثر ٿيندڙ ٻارن جي تعليم رڪجي وڃي ٿي، خاندان پنهنجا گهر ڇڏڻ تي مجبور ٿين ٿا ۽ ڪيترائي ماڻهو پنهنجو روزگار وڃائي ويهن ٿا. اهڙن نقصانن جو اثر رڳو موجوده نسل تائين محدود نٿو رهي، پر ايندڙ نسلن جي مستقبل تي پڻ پوي ٿو. ايران ۽ آمريڪا ٻنهي کي اهو سمجهڻ گهرجي تہ پائيدار امن لاءِ رڳو فوجي طاقت ڪافي ناهي. ڪنهن بہ ملڪ جي سلامتيءَ جا خدشا، علائقائي اختلاف ۽ سياسي مسئلا ڳالهين ذريعي بہ حل ڪري سگهجن ٿا. جيڪڏهن ٻنهي ڌرين کي پنهنجن مفادن جو تحفظ ڪرڻو آهي تہ انهن کي اهڙو رستو اختيار ڪرڻ گهرجي، جنهن ۾ جنگ جا امڪان گهٽجن ۽ سفارتي حل لاءِ مناسب ماحول پيدا ٿئي. هڪ ٻئي جي موقف کي ٻڌڻ ۽ اختلافن کي ڳالهين وسيلي حل ڪرڻ ڪمزوري نہ، پر ذميوار رياستي حڪمت عمليءَ جي نشاني آهي.

اڄ دنيا کي هڪ نئين جنگ جي نہ، پر اهڙي قيادت جي ضرورت آهي جيڪا تڪرارن کي وڌائڻ بدران انهن کي گهٽائڻ جي صلاحيت رکي. آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ ڪنهن بہ نئين فوجي ٽڪراءَ جا اثر ڪيترن ئي ملڪن تائين پکڙجي سگهن ٿا، تنهنڪري ان معاملي کي رڳو ٻن ملڪن جي وچ ۾ اختلاف سمجهي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. تيل جي عالمي واپار کان وٺي عام ماڻهن جي روزاني زندگيءَ تائين، هن بحران جا اثر ڪيترن ئي رخن کان سامهون اچي سگهن ٿا.

ٽرمپ جي نئين ڌمڪي وچ اوڀر جي امن لاءِ هڪ سنجيده سوال پيدا ڪري ٿي: ڇا عالمي طاقتور ملڪ پنهنجن اختلافن کي ڳالهين ذريعي حل ڪرڻ لاءِ تيار آهن، يا دنيا کي هڪ ٻي جنگ جا نتيجا ڀوڳڻا پوندا؟ ان سوال جو جواب ايندڙ ڏينهن جي عملي فيصلن ۽ سفارتي ڪوششن ۾ لڪل آهي. هن وقت سڀ کان اهم ضرورت اها آهي تہ ڳالهين جا دروازا بند نہ ڪيا وڃن، ڇڪتاڻ گهٽائڻ لاءِ سنجيده قدم کنيا وڃن ۽ انساني جانين کي سياسي مفادن جي ور چڙهڻ کان بچايو وڃي. ڇو تہ جنگ ۾ ڪنهن هڪ ڌر جي ڪاميابيءَ جا دعوائون پنهنجي جاءِ تي، پر جڏهن عام ماڻهن جا گهر اجڙن ٿا، معيشتون تباهہ ٿين ٿيون ۽ ٻارن جو مستقبل متاثر ٿئي ٿو، تڏهن ان جي قيمت سڄي انسانيت کي ادا ڪرڻي پوي ٿي.

غريب جي چلهہ ڪڏهن ٻرندي؟

حبدار علي ملڪ

سنڌ سرڪار کان سوال: 700 کان 1000 رپيا ڏهاڙي ڪمائيندڙ مزدور پنهنجي ٻچن جو پيٽ ڪيئن پاليندو؟

سنڌ جي تاريخ ۾ پورهيت هميشہ پنهنجي پگهر سان ڌرتيءَ کي آباد ڪيو آهي. مزدور پنهنجي محنت سان شهر اڏيا، عمارتون ٺاهيون، رستا تعمير ڪيا ۽ ڪارخانن کي هلايو. پر افسوس! اڄ ساڳيو مزدور پنهنجي ٻچن لاءِ بہ ويلا ماني گڏ ڪرڻ کان بہ لاچار بڻجي ويو آهي. سوال اهو آهي تہ آخر هن غريب جو ڏوهہ ڪهڙو آهي؟ ڇا محنت ڪرڻ، پگهر وهائڻ ۽ پنهنجي ٻچن کي ماني کارائڻ جي خواهش رکڻ بہ ڏوهہ آهي؟

سکر جي مارڪيٽ ۾ اٽي جي وڌندڙ اگهن غريب جي چيلهہ چٻي ڪري ڇڏي آهي. جيڪڏهن 20 ڪلو اٽي جي ٿيلهي جي قيمت 3260 رپيا هجي تہ هڪ ڪلو اٽو لڳ ڀڳ 160 رپين ۾ پوي ٿو. جڏهن تہ چڪي ۽ فائن اٽو ان کان بہ وڌيڪ اگهہ تي وڪرو ٿيڻ جون شڪايتون آهن. اهڙي صورتحال ۾ هڪ عام پورهيت، جيڪو سڄو ڏينهن سخت پورهيو ڪري 700 کان 1000 رپيا ڏهاڙي ڪمائي ٿو، سو پنهنجي گهر جو گاڏو ڪيئن هلائي؟

اچو تہ هڪ غريب مزدور جي گهر جو حساب لڳايون. جيڪڏهن مزدور کي روزانو 800 رپيا ملن ۽ مهيني جا 26 ڏينهن ڪم ملي، تہ سندس ڪل آمدني 20 هزار 800 رپيا ٿيندي. هاڻي ان مان گهر جو ڪرايو، بجلي ۽ گيس جا بل، ٻارن جي اسڪول جي فيس، ڪتاب، ڪپڙا، بيماريءَ جي دوا، سفر جو خرچ ۽ گهر جون ٻيون ضرورتون پوريون ڪرڻيون آهن. مٿان وري اٽي، گيهہ، دال، ڀاڄين ۽ ٻين کاڌي پيتي جي شين جا وڌندڙ اگهہ.

ڇا 20 هزار رپين ۾ پنجن يا ڇهن ڀاتين واري خاندان جو مهينو عزت سان گذري سگهي ٿو؟ هي ڪو خيالي سوال ناهي، پر هزارين پورهيت خاندانن جي روزاني زندگيءَ جو دردناڪ سچ آهي.

اٽي جو اگهہ وڌي ٿو تہ غريب جي گهر ۾ بک وڌي ٿي!

اٽو رڳو هڪ واپاري شيءِ ناهي؛ اهو غريب جي زندگيءَ جو سهارو، سندس ٻچن جي ماني ۽ گهر جي چلهہ ٻارڻ جو ذريعو آهي. امير ماڻهو مهانگائيءَ ۾ بہ پنهنجو گذارو ڪري وٺندو آهي، پر غريب مزدور لاءِ اٽي جي اگهہ ۾ ڏهہ رپين جو اضافو بہ وڏي مصيبت بڻجي ويندو آهي.

جنهن گهر ۾ ڪمائيندڙ پيءُ شام جو خالي هٿ موٽي ٿو، اتي ٻارن جا سوال سندس دل کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏين ٿا:

"بابا! اڄ مانيءَ ۾ ڇا آهي؟"

اهو پيءُ ڇا جواب ڏئي، جنهن جي کيسي ۾ اٽو وٺڻ لاءِ بہ پورا پئسا ناهن؟ هو پنهنجي ٻارن جي اکين ۾ ڏسي ٿو، زال جي خاموشي برداشت ڪري ٿو ۽ پنهنجي بک لڪائي ٻچن کي کارائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. پر آخر ڪيترو وقت؟ انسان جو صبر بہ هڪ حد تائين هوندو آهي.

بيماري، تعليم، ڪرايو ۽ بل: مزدور وڃي تہ ڪاڏي وڃي؟

هڪ پاسي اٽي جا وڌندڙ اگهہ آهن تہ ٻئي پاسي اسپتالن جا خرچ. سرڪاري اسپتالن ۾ بہ ڪيترن غريبن کي دوائن، ٽيسٽن ۽ مناسب علاج لاءِ پريشان ٿيڻو پوي ٿو تہ نجي اسپتالن جا خرچ تہ غريب جي پهچ کان ٻاهر آهن.

ٻار بيمار ٿين تہ مزدور وٽ علاج لاءِ پئسا ناهن. ٻارن کي پڙهائڻ چاهي تہ فيس ۽ ڪتابن جا خرچ سندس وس کان ٻاهر آهن. گهر جو ڪرايو ڏئي تہ راشن جا پئسا گهٽجي وڃن ٿا، بجليءَ جو بل ڀري تہ گيس جي بل لاءِ پريشان ٿئي ٿو. جيڪڏهن سڄي آمدني انهن خرچن ۾ ختم ٿي وڃي تہ پوءِ اٽي لاءِ ڪنهن اڳيان هٿ ٽنگي؟

هڪ مزدور صبح کان شام تائين پورهيو ڪري ٿو، پر شام جو بہ کيس اها خبر نٿي پوي تہ سڀاڻي پنهنجي ٻچن کي ڇا کارائيندو. جڏهن بک دروازي تي ويٺي هجي، تڏهن غريب کان سڪون، خوشي ۽ بهتر مستقبل جا خواب ڏسڻ جي اميد ڪيئن رکي سگهجي ٿي؟

مهانگائي ۽ سماجي بگاڙ جو خطرو

جڏهن ايمانداريءَ سان ڪمائيندڙ ماڻهوءَ جي آمدنيءَ مان بہ سندس خاندان جو پيٽ نٿو ڀرجي، تڏهن سماج ۾ مايوسي، ذهني دٻاءُ ۽ نااميدي وڌڻ جو خطرو پيدا ٿئي ٿو ڪجهہ ماڻهو مجبوريءَ ۾ غلط رستن ڏانهن بہ ڌڪجي سگهن ٿا. چوري، ڦرلٽ ۽ ٻين غيرقانوني ڪمن کي ڪنهن بہ صورت ۾ جائز نٿو چئي سگهجي، پر حڪومت ۽ سماج کي اهو ضرور سوچڻ گهرجي تہ غربت، بيروزگاري ۽ بک جي خاتمي لاءِ ڪهڙا قدم کنيا پيا وڃن.

غريب کي ڏوهاري ٿيڻ کان اڳ روزگار، مناسب اجرت، سستو اٽو، علاج ۽ تعليم ڏيڻ رياست جي ذميواري آهي. ماڻهن کي بک کان بچائڻ رڳو خيراتي ڪم ناهي، پر هڪ منصفاڻي سماج جي بنيادي ضرورت آهي.

سنڌ سرڪار کان سوال: سرڪاري ڪڻڪ جو فائدو غريب تائين ڪڏهن پهچندو؟

سنڌ حڪومت جيڪڏهن اٽي جي قيمتن کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ سرڪاري ڪڻڪ فلور ملن کي فراهم ڪري ٿي، تہ پوءِ ان جو سڌو فائدو عام ماڻهوءَ تائين بہ پهچڻ گهرجي. رڳو ڪڻڪ جاري ڪرڻ ڪافي ناهي؛ حڪومت کي اهو بہ ڏسڻو پوندو تہ سرڪاري ڪڻڪ مان تيار ٿيندڙ اٽو واقعي مقرر اگهہ تي وڪرو ٿئي ٿو يا نہ.

اسان سنڌ سرڪار کان مطالبو ڪريون ٿا تہ

سکر سميت سڄي سنڌ ۾ اٽي جا اگهہ گهٽايا وڃن ۽ عوام جي خريداريءَ جي سگهہ کي نظر ۾ رکندي اٽي جي قيمت 80 کان 90 رپيا في ڪلو مقرر ڪرڻ جي مطالبي تي سنجيدگيءَ سان غور ڪيو وڃي.

سرڪاري ڪڻڪ جي فراهمي ۽ اٽي جي پيداوار جي نگراني ڪئي وڃي، ۽ غريب عوام تائين پهچي.

سرڪاري اٽي جا اسٽال ۽ سستو اٽو وڪرو ڪندڙ مرڪز مزدور وسندين ۽ گهٽ آمدني وارن علائقن ۾ قائم ڪيا وڃن.

اٽي جي مقرر اگهن تي عمل ڪرائڻ لاءِ اثرائتي نگراني ڪئي وڃي ۽ ناجائز منافعي خوريءَ خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي.

گهٽ آمدنيءَ وارن خاندانن لاءِ اهڙو امدادي نظام جوڙيو وڃي، جنهن سان کين باعزت طريقي سان سستو اٽو ۽ بنيادي کاڌي پيتي جون شيون ملي سگهن.

اسان اهو نٿا چئون تہ هر مسئلو رڳو هڪ حڪم سان حل ٿي ويندو، پر جڏهن حڪومت ڪڻڪ جي فراهمي، سبسڊي ۽ مارڪيٽ جي نگرانيءَ ذريعي اگهن تي اثرانداز ٿي سگهي ٿي، تڏهن ان کان اها اميد رکڻ بہ جائز آهي.

اسان جو مطالبو: اٽو 80 کان 90 رپيا ڪلو ڪيو وڃي!

سنڌ سرڪار کان اسان جي اپيل آهي تہ اٽي جي قيمت اهڙي سطح تي آندي وڃي، جيڪا غريب مزدور جي پهچ ۾ هجي. عوام جو مطالبو آهي تہ اٽو 80 کان 90 رپيا في ڪلو جي حد ۾ دستياب ٿئي، جيئن محدود آمدنيءَ وارا خاندان گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي ٻچن لاءِ مانيءَ جو بندوبست ڪري سگهن.

هن مطالبي تي عمل ڪرائڻ لاءِ حڪومت کي ڪڻڪ جي حقيقي قيمت، اٽي جي تياريءَ جي خرچ، فلور ملن جي لاڳت، سبسڊي ۽ ورڇ جي نظام جو جائزو وٺڻو پوندو. مقصد اهو هئڻ گهرجي تہ غريب کي مناسب قيمت تي اٽو ملي ۽ فراهميءَ جو نظام بہ برقرار رهي.

حڪومت جيڪڏهن ٻين شعبن ۾ عوام جي سهولت لاءِ پاليسيون ٺاهي سگهي ٿي، تہ پوءِ بنيادي خوراڪ کي بہ عوام جي پهچ ۾ آڻڻ لاءِ سنجيده ڪوشش ڇو نٿي ڪري سگهي؟

حڪمرانن کي ياد رکڻ گهرجي غريب بہ هن ڌرتيءَ جو وارث آهي!

سنڌ جا حڪمرانو! اوهان کان هڪ سادو سوال آهي جڏهن هڪ مزدور سڄو ڏينهن پورهيو ڪرڻ باوجود پنهنجي ٻچن لاءِ اٽو نٿو وٺي سگهي، تڏهن سندس محنت جو صلو ڪٿي آهي؟ جڏهن غريب پيءُ دوا ۽ مانيءَ مان ڪنهن هڪ کي چونڊڻ تي مجبور ٿي وڃي، تڏهن عوامي ڀلائيءَ جا نعرا ڪيتري معنيٰ رکن ٿا؟

سرڪار! غريب اوهان کان محلات، وڏيون گاڏيون يا عيش ۽ آرام جون سهولتون نٿو گهري. هو رڳو ايترو ٿو گهري تہ سندس ٻچن کي ٻن ويلن جي ماني ملي، بيمار ٿيڻ تي علاج ملي، ٻارن کي تعليم ملي ۽ سندس محنت جي ڪمائيءَ مان گهر جو خرچ هلي سگهي.

غريب کي خيرات نہ، جيئڻ جو حق ڏيو! مزدور کي رڳو تسلي نہ، پر عملي رليف ڏيو!

ياد رکو، حڪومت جي ڪاميابي رڳو وڏن منصوبن ۽ بلند عمارتن سان نٿي ماپي وڃي؛ حڪومت جي اصل ڪاميابي تڏهن آهي، جڏهن عام ماڻهو بک کان محفوظ هجي، مزدور پنهنجي ڪمائيءَ مان گهر هلائي سگهي ۽ ڪنهن ماءُ کي پنهنجي ٻچن کي بکيو سمهارڻ جو درد نہ سهڻو پوي.

اسان سنڌ سرڪار کي هٿ ٻڌي اپيل ڪريون ٿا تہ سکر سميت سڄي سنڌ ۾ اٽي جا اگهہ گهٽائڻ لاءِ هنگامي ۽ اثرائتا قدم کنيا وڃن. سرڪاري ڪڻڪ جو فائدو عوام تائين پهچايو وڃي ۽ اٽي کي غريب جي پهچ ۾ آندو وڃي. مزدور جي گهر ۾ خوشحالي نہ سهي، پر گهٽ ۾ گهٽ مانيءَ جي چلهہ ضرور ٻاريو وڃي.

ڇو تہ جڏهن غريب جي گهر ۾ ماني پچندي، تڏهن ئي سندس ٻارن جي چهرن تي مرڪ ايندي. جڏهن مزدور جي گهر ۾ سڪون هوندو، تڏهن ئي سماج ۾ امن ۽ اعتماد وڌندو.

آخر ۾ سنڌ سرڪار کان رڳو ايترو سوال آهي:

جيڪڏهن 700 کان 1000 رپيا ڏهاڙي ڪمائيندڙ مزدور جي گهر جو خرچ حڪومت هلائي نٿي سگهي، تہ پوءِ گهٽ ۾ گهٽ اٽي جو اگهہ تہ ايترو مناسب ڪري، جو هو پنهنجي پگهر جي ڪمائيءَ مان پنهنجي ٻچن کي ماني کارائي سگهي!

غريب جي دانهن ٻڌو، مزدور جي مجبوري سمجهو، اٽو سستو ڪريو؛ ڇو تہ بک ڪنهن بہ نعري سان ختم نٿي ٿئي، بک ختم ڪرڻ لاءِ عملي قدم کڻڻا پوندا آهن.

بقايا *** 01

سان ملاقاتن جو امڪان آهي. انهي اهم اجلاس جو مقصد خطي ۾ جاري جنگ ۽ وڌندڙ ڇڪتاڻ جي حوالي سان سيڪيورٽي معاملا ۽ علائقائي تعاون تي خيالن جي ڏي وٺ ڪرڻ آهي. خبرون ڏيندڙ ايجنسي موجب سعودي عرب تي حوثي حملن کان پوءِ ايران، سعودي عرب، پاڪستان ۽ ترڪيہ جي وچ ۾ اعليٰ سطح تي اها پهرين ملاقات ٿيندي. آءِ ايس پي آر موجب فيلڊ مارشل سيد عاصم منير ايران جو سرڪاري دورو ڪري رهيو آهي جنهن جي لاءِ اهو تهران پهچي ويو آهي. واضح رهي تہ اهو اجلاس مڪہ گڏيل دفاعي معاهدي ۾ شامل ٽنهي ملڪن ۽ ايران جي وچ ۾ موجوده تڪرار جي دوران پهريون اعليٰ سطحي رابطو ٿيندو. عالمي خبرون ڏيندڙ اداري موجب سعودي عرب جي نمائندگي دفاع وارو وزير شهزاده خالد بن سلمان، پاڪستان طرفان فيلڊ مارشل عاصم منير جڏهن تہ ترڪيہ جي نمائندگي انٽيليجنس چيف ڪندو ياد رهي تہ سعودي عرب، پاڪستان ۽ ترڪيہ آگسٽ 2026 ۾ مڪہ ۾ گڏيل دفاعي معاهدي تي صحيحون ڪيون هيون جنهن جي تحت ڪنهن هڪ ميمبر ملڪ تي هٿياربند حملي کي ٽنهي ملڪن تي حملو تصور ڪيو ويندو معاهدي ۾ ميمبر ملڪن جي علائقائي سالميت، خودمختياري ۽ عالمي طور تي تسليم ٿيل سرحدن جي تحفظ لاءِ ضروري قدم کڻڻ تي اتفاق ڪيو ويو آهي.

بقايا *** 02

جي اطلاعن تي ردعمل ڏيندي چيو آهي تہ چين سرحد تي امن برقرار رکڻ لاءِ ڀارت سان گڏجي ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آهي. چيني پرڏيهي وزارت جي ترجمان گوجياڪون چيو تہ چين ڀارت سان ٿيل لاڳاپيل معاهدن ۽ اهم اتفاقن تي هميشہ سختيءَ سان عمل ڪندو رهيو آهي.چيني سرڪاري ميڊيا "گلوبل ٽائمز" موجب، ترجمان چيو تہ علائقائي خودمختياريءَ جي تحفظ ۽ سرحدي استحڪام کي برقرار رکڻ لاءِ چين سرحدي علائقن ۾ باقاعدگيءَ سان گشت ۽ نگرانيءَ جون سرگرميون ڪندو آهي.چين ۽ ڀارت جي سرحد تي تازي ڇڪتاڻ جي اطلاعن بابت ڳالهائيندي گوجياڪون چيو تہ ٻئي ملڪ سفارتي ۽ فوجي ذريعن وسيلي هڪ ٻئي سان رابطي ۾ آهن.هن اميد ظاهر ڪئي تہ ڀارت بہ ٻطرفن معاهدن تي عمل ۽ سرحدي علائقن ۾ امن ۽ استحڪام برقرار رکڻ لاءِ چين سان گڏجي ڪم ڪندو ۽ ان سلسلي ۾ عملي قدم کڻندو.واضح رهي تہ ڀارت جي انڊو_تبتن بارڊر پوليس جي ڊائريڪٽر جنرل شتروگهن ڪپور گذريل خميس ڏينهن چيو هو تہ ڪجهہ ڏينهن دوران اروناچل پرديش ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي ڀارتي ۽ چيني فوجي آمهون سامهون ٿيا آهن ۽ اها صورتحال اڃا برقرار آهي.سندس بيان ڪانپوءِ 23 آڪٽوبر تي ڀارتي پرڏيهي وزارت جي ترجمان رنڌير جئسوال چيو هو تہ ٻئي ملڪ لائن آف ايڪچوئل ڪنٽرول(ايل اي سي) سان لاڳاپيل حل طلب معاملن تي ڳالهہ ٻولهہ ڪري رهيا آهن ۽ ڪنهن بہ غلط فهمي يا غلط اندازي کان بچڻ لاءِ سفارتي ۽ فوجي ذريعا استعمال ڪري رهيا آهن.

بقايا *** 03

چيو آهي تہ وزيراعظم محمد شهباز شريف جي اڳواڻيءَ ۾ حڪومت جامع ۽ سڀني کي گڏ کڻي هلندڙ قومي ترقيءَ لاءِ ڪوشان آهي، جڏهن تہ ترقياتي منصوبن، سرڪاري سيڙپڪاري ۽ قومي ترجيحن بابت شفاف معلومات جي فراهمي عوامي آگاهي ۽ مؤثر شرڪت لاءِ اهم آهي ترقيءَ بابت معلومات جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ وفاقي وزير چيو تہ وزارت پاران جاري ڪيل معلومات ذريعي عوام کي سرڪاري سيڙپڪاري، ترقياتي منصوبن تي پيش رفت ۽ ترقياتي ترجيحن کان آگاهہ ڪيو پيو وڃي هن چيو تہ حڪومتي قدمن ۽ عوامي آگاهيءَ جي وچ ۾ مضبوط رابطو ترقيءَ جي عمل کي مؤثر بڻائڻ لاءِ ضروري آهي. واضح ۽ شفاف معلومات نوجوانن کي پنهنجيون تجويزون پيش ڪرڻ، مقامي آباديءَ کي دستياب موقعن کي سمجهڻ ۽ ڀاڱيدارن کي ترقياتي عمل ۾ پنهنجو مؤثر ڪردار ادا ڪرڻ ۾ مدد ڏين ٿيون.پروفيسر احسن اقبال چيو تہ ترقي هڪ گڏيل ذميواري آهي ۽ ان جي مقصدن کي سمجهڻ ۽ ان جي پيش رفت ۾ حصو وٺڻ هر فرد ۽ طبقي لاءِ اهم آهي.هن عزم ورجايو تہ ترقيءَ جي عمل کي عوام لاءِ قابل فهم بڻائڻ، عوامي شرڪت کي بامعنيٰ بڻائڻ ۽ ترقيءَ جي ثمرن کي سماج جي سڀني طبقن تائين پهچائڻ گڏيل قومي ذميواري آهي.

بقايا *** 04

نہ ٿي سگهيون. مختلف شهرن ۾ في ڪلو قيمت 600 کان 650 روپين تائين برقرار آهن. ملڪ جي مختلف شهرن ۾ ايل پي جي جي في ڪلو قيمت 600 کان 650 روپين تائين برقرار آهي جڏهن تہ ڪوئٽہ ۾ 30 روپين جي گهٽتائي کان پوءِ قيمت 520 روپيہ في ڪلو ٿي وئي. ڪراچي ۾ ايل پي جي جي قيمت وڌي 550 روپيہ، پشاور ۾ 570، اٽڪ ۾ 600 جڏهن تہ جاڙن شهرن اسلام آباد، راولپنڊي ۾ 600 روپيہ في ڪلو ٿي وئي. ٻئي طرف لاهور ۾ ايل پي جي جون دڪانون ٻئي ڏينهن بہ دڪاندارن جي هڙتال سبب بند رهيون، جڏهن تہ ڪڪڙ جو گوشت بہ مهانگو ٿي ويو آهي، ڪراچي ۾ ڪڪڙ جو گوشت 740 روپيہ في ڪلو لاهور ۾ 640 روپيہ ۽ ڪوئٽہ ۾ 650 روپيہ في ڪلو وڪرو ٿي رهيو آهي. ياد رهي تہ عمان کان ايل پي جي کڻي ايندڙ 2 بحري جهاز پاڪستان پهچي ويا آهن جنهن کان پوءِ ايل پي جي جي قيمتن ۾ گهٽتائي جا امڪان روشن ٿي ويا آهن.

بقايا *** 05

ڪيا ويا آهن جن جي قيمت جو اندازو لڳائڻ جو عمل جاري آهي. توشہ خانہ ڪابينہ ڊويزن جي انتظام هيٺ سرڪاري ادارو آهي، جتي صدر، وزيراعظم، وفاقي وزيرن، سرڪاري آفيسرن ۽ ٻين لاڳاپيل عهديدارن کي پرڏيهي سربراهہ، حڪومتون ۽ اهم شخصيتن طرفان ملندڙ تحفا جمع ڪرايا ويندا آهن. لاڳاپيل قاعدن جي تحت سرڪاري عهديدارن لاءِ اهڙن تحفن جي اطلاع ڏيڻ ۽ انهن کي توشہ خاني ۾ جمع ڪرائڻ لازمي آهي، جڏهن تہ تحفن کي پنهنجو پاڻ وٽ رکڻ، انهن جي مقرر قيمت ادا ڪرڻ يا نيلامي جي ذريعي وڪرو ڪرڻ جو فيصلو لاڳاپيل پاليسي ۽ قاعدن موجب ڪيو ويندو آهي. ڪابينہ ڊويزن جي پڌرائي موجب صدر زرداري کي ميوزيڪل انسٽرومنٽ، تير ڪمان سيٽ، قالين، آرائشي شيون ۽ ٻيا تحفا مليا. انهي کان علاوه وزيراعظم شهباز شريف کي هڪ ڪلو سون مليو، وزيراعظم کي قالين، روضہ رسول صہ جو ماڊل، ٽائي، ڪف لنڪس، ٽيبل ڪلاڪ ۽ ٻيون شيون بہ تحفي ۾ مليون. ڪابينہ ڊويزن جو چوڻ آهي تہ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار 19 تحفن سان فهرست ۾ سڀني کان اڳيان آهي، اسحاق ڊار کي پينٽنگز، پرفيوم، ڪف لنڪس، ڪپس ۽ ٻيا تحفا مليا. انهي کان علاوه وفاقي وزيرن، عطاءُالله تارڙ، شزا فاطمہ، حنيف عباسي ۽ احد چيمہ بہ تحفا وٺندڙن ۾ شامل آهن.ياد رهي تہ توشہ خاني جو معاملو 2022 ۾ انهي وقت ڌيان جو مرڪز بڻيو جڏهن اڳوڻي وزيراعظم عمران خان تي سرڪاري دورن دوران ملندڙ تحفا پنهنجو پڻ وٽ رکڻ ۽ انهن کي پنهنجي اثاثن ۾ ظاهر نہ ڪرڻ جا الزام سامهون آيا.

بقايا *** 06

سان دلي همدردي جو اظهار ۽ تعزيت ڪئي.هن جو چوڻ هو تہ نائيڪ غلام مرتضيٰ ۽ سپاهي تاثير احمد پنهنجي حياتين جون قربانيون ڏئي دشمن جي ارادن کي ناڪام بنايو. شهيد اسان جو مان ۽ فخر آهن. سيڪيورٽي فورسز جي بهادر جوانن کي سلام پيش ڪريان ٿو قوم کي سيڪيورٽي فورسز جي پيشہ وارانہ صلاحيتن ۽ جرئت تي ناز آهي.

بقايا *** 07

خيبرپختونخواهہ ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ جي بہ مذمت ڪندي انهي کي انساني حقن جي ڀڃڪڙي قرار ڏنو ۽ ايمرجنسي ختم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو.منصوره ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي حافظ نعيم الرحمان چيو تہ پيٽروليم ليوي ختم ڪرڻي پوندي، چو تہ عوام تي ٽيڪسز جو بار وڌي رهيو آهي، مافيازجي منافعي ۾ اضافو ٿي رهيو آهي. هن چيو تہ حڪومت احتجاج جي نتيجي ۾ پيٽروليم قيمتن ۾ رليف ڏنو پر اهو ڪافي نہ آهي، وزيرن هڪ دفعو ٻيهر جماعت اسلامي جي ڪميٽي سان رابطو ڪيو آهي، پر پارٽي پنهنجي موقف تي قائم آهي. وزيراعظم سان ملاقات ۾ رليف جي معاملي تي اڳڀرائي ٿئي تہ انهي شام اهم اعلان ڪنداسين.هن چيو تہ آئل ريفائنريز ۽ آئل مارڪيٽ ڪمپنين جي منافعي ۽ مارجن ۾ گهٽتائي ڪري عوام کي فائدو پهچايو ويو آهي، حڪومت کي وياج جي خاتمي ۽ پاليسي ريٽ ۾ گهٽتائي جي لاءِ بہ قدم کڻڻ گهرجن. حافظ نعيم جو چوڻ هو تہ حڪومتي پاليسين سبب عوام ۾ ڪاوڙ وڌي رهي آهي، عوام کي رليف ملڻ تائين احتجاج جاري رهندو عدالتي نظام تي تنقيد ڪندي حافظ نعيم الرحمان چيو تہ عدالتن ۾ لکين ڪيسز هڙتي هيٺ آهن. 26هين آئيني ترميم سان عدالتي نظام وڌيڪ ڪمزور ٿيو آهي. هن چيو تہ عدالت کان مٿاهين قتل سان انصاف جو نظام صحيح نٿو ٿي سگهي، حڪومت وٽ عوام کي رليف ڏيڻ جي لاءِ پاليسي نہ آهي. فلسطين جي صورتحال تي حافظ نعيم الرحمان چيو تہ غزه ۾ اسرائيلي تباهي سبب غذائي کوٽ پيدا ٿي وئي آهي، پر عالمي طاقتون ۽ مسلمان ملڪ موثر ادا نہ ڪري رهيا آهن.هن مسلمان حڪمرانن ۽ پيس بورڊ کان سوال ڪيو تہ اهي فلسطينين جي مدد لاءِ ڪهڙا قدم کڻي رهيا آهن هن جو چوڻ هو تہ فلسطينين جي حق ۾ موثر عالمي آواز اٿارڻ ۽ مسلمان ملڪن ۾ اتحاد پيدا ڪرڻ جي ضرورت آهي.

بقايا *** 08

ن لڳل لاش هٿ، وارثن جو ڏيرن تي قتل جو الزام هنيو ويو. قمبر سعيد خان ٿاڻي جي حد ۾ ميرڻ ماڇي لڳ گوٺ پنهل خاصخيلي ۾ 22 ورهين جي بينظير زال ضمير علي خاصخيلي جو پنهنجي گهر مان پستل جون گوليون لڳل لاش هٿ آيو جنهن کي پوسٽ مارٽم لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو فوتڻ جي چاچي وزير علي ٽوٽائي، ڏاڏي خان محمد ٽوٽائي ۽ ماءُ ضميران ٽوٽائي ميڊيا سان ڳالهائيندي الزام هنيو تہ کين صبح جو اطلاع ڏنو ويو تہ بينظير پاڻ تي فائر ڪري خودڪشي ڪئي آهي، پر سندن دعويٰ آهي تہ ناري کي سندس ڏيرن قتل ڪيو آهي. ٻئي پاسي، فوتڻ جي سس چيو تہ صبح تقريبن 9 وڳي اوچتو فائر جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. اندر وڃي ڏٺوسين تہ پستل هيٺ پيل هئي ۽ ناري فوت ٿي چڪي هئي.واقعي بابت ٻنهي ڌرين جا بيان مختلف آهن. جڏهن تہ واقعي جو اصل ڪارڻ پوسٽ مارٽم رپورٽ ۽ پوليس جاچ ڪانپوءِ معلوم ٿي سگهندو جڏهن تہ رورل هيلٿ سينٽر اسپتال ۾ ايمبولينس نہ هئڻ ڪري پوسٽ مارٽم کان پوءِ وارثن مڙهہ کي ڊاٽسن ۾ گوٺ کڻائي روانا ٿيا

بقايا *** 09

ڙي جو شڪار ڪندي سامونڊي حد پار ڪرڻ تان 4 پاڪستاني مهاڻا گرفتار ڪيو ويو سندن ٻيڙي ضبط ڪئي وئي،وارث پريشاني جا شڪار ٿي ويا. ڀارتي بارڊر سيڪيورٽي فورس (BSF) گجرات جي سر ڪريڪ واري علائقي مان سامونڊي حدون پار ڪرڻ تي 4 سجاول واسي مهاڻن کي گرفتار ڪري ورتو آهي، جڏهن تہ سندن ٻيڙي بہ تحويل ۾ وٺي ڇڏي آهي. ڀارتي فورسز هٿان گرفتار ٿيل مهاڻن ۾ قادر ٿهيمور، محمد موسيٰ، اصغر ٿهيمور ۽ احسان جت شامل آهن. چئني مهاڻن جو تعلق سنڌ جي ساحلي علائقي شاهبندر سان آهي، جڏهن تہ ضبط ڪيل ٻيڙي جو مالڪ عارب ٿهيمور ٻڌايو پيو وڃي. انهي حوالي سان فشر فوڪ فورم طرفان چيو ويو آهي تہ سر ڪريڪ جو علائقو پنهنجي پيچيده جاگرافي، دلدلي رستن ۽ سمنڊ جي مدوجزر سبب هميشہ کان مهاڻن لاءِ انتهائي حساس رهيو آهي. سامونڊي حدن جي واضح حدبندي نہ هجڻ ڪري ٻنهي ملڪن جي مهاڻن جي گرفتاري جا واقعا اڪثر پيش ايندا رهيا آهن. جنهن جي سزا غريب مهاڻن جي خاندانن کي ڀوڳڻي پوي ٿي. فشر فوڪ فورم ۽ نوري ڊولپمينٽ فائونڊيشن مطالبو ڪيو آهي تہ گرفتار پاڪستاني مهاڻن جي خيريت، قانوني حيثيت ۽ موجوده صورتحال بابت فوري ڄاڻ حاصل ڪئي وڃي ۽ سندن جلد رهائي ۽ ملڪ واپسي لاءِ انساني بنيادن تي ضروري قدم کنيا وڃن. مهاڻا سمنڊ مان روزي ڪمائين ٿا، سندن مسئلن کي انساني بنيادن تي حل ڪرڻ ۽ سندن خاندانن جي مشڪلاتن کي سمجهڻ ضروري آهي.

بقايا ***

ڪ ۾ مبينا طور ملوث مڙس ۽ زال کي گرفتار ڪري منشيات برآمد ڪري ورتي آهي.ترجمان ايسٽ پوليس موجب منشيات جي ڌنڌي خلاف ڊي آءِ جي ايسٽ زون ۽ ايس ايس پي ايسٽ جي هدايتن تي ايس ڊي پي او سهراب گوٺ ۽ ايس ايڇ او سائيٽ سپرهاءِ وي جي نگرانيءَ ۾ نيو سبزي منڊي چوڪي پوليس ڳجهي اطلاع تي ڇاڪرو هوٽل جي ويجهو ڪارروائي ڪئي.پوليس موقعي تان علي رضا ولد صفدر علي ۽ سندس زال مريم کي گرفتار ڪيو ملزمن وٽان هڪ بيگ برآمد ٿيو، جنهن جي تلاشي دوران 14 چپلن ۾ مهارت سان لڪايل منشيات ۽ چرس جا بہ پيڪيٽ برآمد ٿيا.پوليس موجب شروعاتي تفتيش دوران ملزمن انڪشاف ڪيو تہ اهي ڪوئيٽا مان شعيب نالي شخص ذريعي بسن ۾ منشيات ڪراچي گهرائيندا هئا. ڪراچي پهچڻ تي علي رضا پنهنجي زال سان گڏ منشيات وڪڻندو هو ۽ آسٽريليا موڪلڻ جا انتظام ڪندو هو.

بقايا *** 11

ن ايڊووڪيٽ پرويز احمد سومرو جي شموليت جو آڌرڀاءُ ڪيو ويو آهي. تنظيمي اڳواڻن نين شموليتن کي خوش آئند قرار ڏيندي تنظيم جي سرگرمين کي وڌيڪ فعال ۽ وسيع ڪرڻ جي عزم جو اظهار ڪيو آهي.تنظيم ۾ شموليت اختيار ڪندڙ شخصيتن سرپرستِ اعليٰ انجنيئر رحيم بخش سومرو ۽ چيئرمين سينيئر قانوندان ايڊووڪيٽ محمد ابراهيم سومرو جي قيادت تي اعتماد جو اظهار ڪندي چيو تہ هو شهيد دودو سومرو اتحاد آرگنائيزيشن پاڪستان جي پليٽ فارم تان سومرو برادري جي اتحاد، اتفاق ۽ سماجي خدمت لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪندا.ان موقعي تي تنظيمي اڳواڻن اسلم الدين سومرو، اعجاز احمد سومرو ۽ سينيئر قانوندان ايڊووڪيٽ پرويز احمد سومرو جي شموليت جي آجيان ڪندي چيو تہ تنظيم جو بنيادي مقصد سومرو برادري کي هڪ پليٽ فارم تي متحد ڪرڻ، پاڻ ۾ رابطن کي مضبوط بنائڻ ۽ برادري جي گڏيل مسئلن جي حل لاءِ گڏيل جدوجهد ڪرڻ آهي.اڳواڻن چيو تہ لاڙڪاڻي ۽ نوديري سميت سنڌ جي مختلف علائقن ۾ تنظيمي سرگرمين کي وڌيڪ منظم ڪيو ويندو.ان سلسلي ۾ لاڙڪاڻي ۾ هڪ تنظيمي ڪنوينشن منعقد ڪرڻ جو پڻ اعلان ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ برادري جي معززين، نوجوانن ۽ تنظيمي عهديدارن کي شرڪت جي دعوت ڏني ويندي. ڪنوينشن ۾ تنظيمي معاملن، برادري جي اتحاد ۽ مستقبل جي حڪمت عملي بابت صلاح مشورا ڪيا ويندا.انهن وڌيڪ چيو تہ سرپرستِ اعليٰ انجنيئر رحيم بخش سومرو جي سرپرستي ۽ چيئرمين ايڊووڪيٽ محمد ابراهيم سومرو جي قيادت ۾ تنظيم کي وڌيڪ مضبوط بنائڻ، نوجوانن کي مثبت سرگرمين ۾ شامل ڪرڻ ۽ برادري جي ڀلائي لاءِ عملي ڪوششون جاري رکيون وينديون.آخر ۾ تنظيمي اڳواڻن ان عزم جو اظهار ڪيو تہ شهيد دودو سومرو اتحاد آرگنائيزيشن پاڪستان اتحاد، ڀائيچاري، گڏيل احترام ۽ سماجي خدمت جي جذبي سان پنهنجون سرگرميون جاري رکندي. لاڙڪاڻي ۾ رٿيل ڪنوينشن تنظيمي رابطن کي مضبوط ڪرڻ ۽ برادري کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو.

بقايا *** 12

سخت زخمي ٿيا، جن مان هڪ جي ٻانهن ڀڄي پئي، ٻئي ڊاڪٽر جي هڪ اک جي نظر سخت متاثر ٿيڻ جو خدشو ظاهر ڪيو ويو آهي. احتجاج ڪندڙ ڊاڪٽرن واقعي کي اسپتال جي سيڪيورٽي نظام جي ناڪامي قرار ڏيندي مطالبو ڪيو تہ حملي ۾ ملوث سمورن جوابدارن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ کين 24 ڪلاڪن اندر گرفتار ڪيو وڃي. ينگ ڊاڪٽرز ايسوسيئيشن خبردار ڪيو آهي تہ مطالبا پورا نہ ٿيڻ جي صورت ۾ او پي ڊيز ۽ وارڊن ۾ علاج جو مڪمل بائيڪاٽ ڪيو ويندو ايسوسيئيشن واقعي جي ذميواري اسپتال جي سيڪيورٽي انچارج تي پڻ لاڳو ڪئي آهي.

بقايا *** 13

ٿي ويو جڏهن تہ هڪ نوجوان زخمي ٿي پيو واقعي ڪانپوءِ فوت ٿيل ٻار ۽ زخمي نوجوان کي اسپتال منتقل ڪيو ويو، واقعي جي اطلاع تي پوليس جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي.

بقايا *** 14

ن زخمي ٿي پيو حادثي ڪانپوءِ فوت ٿيل شخص ۽ زخمي نوجوان کي جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو

بقايا *** 15

۾ ايل پي جي جا دڪان واپارين جي هڙتال سبب ٻئي ڏينهن بہ بند رهيا، جڏهن تہ ڪوئيٽا ۾ ايل پي جي اگهہ ۾ 30 رپيا في ڪلو گهٽتائي ڪانپوءِ قيمت 520 رپيا ٿي وئي آهي. پشاور ۾ ايل پي جي 570 رپيا، اٽڪ ۾ 600 رپيا، جڏهن تہ راولپنڊي ۽ اسلام آباد ۾ 600 رپيا في ڪلو وڪرو ٿي رهي آهي. ڪراچيءَ ۾ ايل پي جي جي قيمت 550 رپيا في ڪلو تائين پهچي وئي آهي. ٻئي پاسي ڪڪڙ جو گوشت بہ مهانگو ٿي ويو آهي. ڪراچيءَ ۾ ڪڪڙ جو گوشت 740 رپيا، لاهور ۾ 640 رپيا ۽ ڪوئيٽا ۾ 650 رپيا في ڪلو وڪرو ٿي رهيو آهي. ياد رهي تہ عمان مان ايل پي جي کڻي ايندڙ ٻہ سامونڊي جهاز پاڪستان پهچي ويا آهن، جنهن ڪانپوءِ ايل پي جي جي اگهن ۾ گهٽتائي جا امڪان روشن ٿي ويا آهن.

بقايا *** 16

جنهن جي نتيجي ۾ 4 ملازم زخمي ٿي پيا. سينيئر ڊائريڪٽر شير علي خان موجب مشتعل ماڻهن پٿراءُ ڪري حدخلين خلاف آپريشن ڪندڙ ٽيم جي گاڏين جا شيشا پڻ ٽوڙي ڇڏيا. واقعي ڪانپوءِ صورتحال تي ضابطو آڻڻ لاءِ پوليس جي وڌيڪ نفري طلب ڪئي وئي.

بقايا *** 17

گرفتار ڪيو آهيفشر فوڪ فورم جي وائيس چيئرمين نور محمد موجب ڀارتي فورسز ماهيگيرن کي گذريل ڏينهن گرفتار ڪيو ۽ سندن فائبر فشنگ ٻيڙي بہ تحويل ۾ ورتي هن ٻڌايو تہ چارئي ماهيگير سجاول جي ساحلي علائقي ڇڇ جهان خان سان تعلق رکن ٿا.

بقايا ***

هي گرين هائوس گئسن جي نيڪال ۾ گهٽتائي ۽ متاثر ملڪن تائين موسمياتي مالي مدد جي فراهمي اڻٽر آهي. ٻوڏون وڏي پيماني تي جاني ۽ مالي نقصانن جو سبب بڻجن ٿيون، موسمياتي تبديلي موجوده وقت جو سڀ کان وڏو چئلينج آهي. انهن خيالن جو اظهار هن سومر تي هتي پري ڪوپ_31 ڊائلاگ کي خطاب ڪندي ڪيو. وفاقي وزير چيو تہ عالمي گرمي پد ۾ اضافي سبب گليشيئرز جي پگهرجڻ ۽ ڪلائوڊ برسٽ سان پاڪستان سميت دنيا جي مختلف ملڪن کي سنگين خطرا درپيش آهن جڏهن تہ موسمياتي تبديلي سبب متاثر ملڪن کي ماحولياتي مالي مدد جي مناسب فراهمي بہ هڪ وڏو چئلينج آهي. هن چيو تہ گليشيئرز بابت تباهي پکيڙيندڙ واقعن کي رڳو انگن اکرن طور ڏسڻ بدران انهن جي انساني رخن کي سمجهڻ ضروري آهي ڇاڪاڻ تہ انهن آفتن ۾ رڳو گهر ۽ بنيادي ڍانچو ئي تباهہ ناهي ٿيندو پر ماڻهن جي ٻالڪپڻ يادون، معاش ۽ پوريون آباديون بہ متاثر ٿينديون آهن. هن چيو تہ پاڪستان جي جابلو علائقن ۾ گليشيئرز جي پگهرجڻ جا واقعا انهن جي ابتڙ انتهائي تباهہ ڪن منظر پيش ڪندا آهن جڏهن تہ وڏا وڏا پٿر، پاڻي جا ريلا ۽ زمين جي لرزش ڪجهہ گهڙين ۾ آبادين کي اجاڙي ڇڏيندي آهي. وفاقي وزير چيو تہ پاڪستان ۾ اٽڪل ساڍا 13 هزار گليشيئرز موجود آهن ڪيتريون ئي گليشيائي ڍنڍون بہ خطرن جو سبب بڻجي سگهن ٿيون. لاڳاپيل ادارا گليشيئرز ۽ ڍنڍن جي انوينٽري، خطرن جي نشاندهي ۽ رسڪ پروفائيلنگ تي ڪم ڪري رهيا آهن جڏهن تہ اٽلي سميت مختلف ملڪن جي تعاون سان تحقيق ۽ ٻيا قدم بہ کنيا پيا وڃن. ڊاڪٽر مصدق ملڪ چيو تہ گليشيئرز جي ڦاٽڻ ۽ پگهرجڻ جي بنيادي سببن ۾ عالمي گرمي پد ۾ اضافو ۽ گرين هائوس گئسن جو نيڪال شامل آهي. هن چيو تہ پاڪستان ڪاربن گئسن جي عالمي نيڪال ۾ اٽڪل هڪ سيڪڙو حصو وجهي ٿو جڏهن تہ ملڪ موسمياتي تبديلي جي اثرن سبب شديد متاثر ٿي رهيو آهي ۽ پنهنجي نيڪال ۾ گهٽتائي لاءِ پرعزم آهي. هن عالمي ماحولياتي مالي مدد جي ورهاست تي ڳالهائيندي چيو تہ گرين فنانسنگ جو وڏو حصو انهن علائقن طرف وڃي ٿو جتي گرين هائوس گئسن جو نيڪال وڌيڪ هوندو آهي جڏهن تہ پاڪستان ۽ نيپال جهڙن ملڪن جيڪي موسمياتي تبديلي جي اثرن سبب شديد متاثر آهن انهن کي گهربل مالي مدد جي فراهمي هڪ اهم مسئلو آهي. ڊاڪٽر مصدق ملڪ چيو تہ موسمياتي تبديلي جا اثر سڀ کان پهرين جابلو علائقن کي متاثر ڪندا آهن جڏهن تہ انهن علائقن ۾ ٿيندڙ تبديليون ايندڙ سالن ۾ ميداني علائقن کي بہ متاثر ڪري سگهن ٿيون.

بقايا *** 19

فوج جي سمورين رينڪس جنرل(ر) عبدالوحيد ڪاڪڙ جي لاڏاڻي تي ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آءِ ايس پي آر جو چوڻ آهي تہ جنرل(ر) عبدالوحيد ڪاڪڙ جي شاندار عسڪري خدمتن ۽ قيادت کي خراج تحسين پيش ڪيو ويو پاڪ فوج مرحوم عبدالوحيد ڪاڪڙ جي قومي، عسڪري خدمتن جو اعتراف ڪيو آءِ ايس پي آر موجب پاڪ فوج سوگوار خاندان سان تعزيت جو اظهار پڻ ڪيو رب پاڪ جنرل(ر) عبدالوحيد ڪاڪڙ کي جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي.

بقايا *** 20

تان جي حملن جي نتيجي ۾ هينئر تائين 1119 افغان شهري مارجي يا زخمي ٿي چڪا آهن. پرڏيهي کاتي سومر 26 آڪٽوبر تي جاري ڪيل بيان ۾ افغان طالبان جا الزام رد ڪندي چيو تہ ورغلائيندڙ ڄاڻ ۽ بيانيا افغانستان مان سرگرم دهشتگرد نيٽ ورڪن جي خطري کي لڪائي نٿا سگهن ۽ نہ ئي افغان طالبان حڪومت کي ان ذميواريءَ کان آجو ڪري سگهن ٿا تہ سندس سرزمين پاڪستان خلاف حملن جي رٿابندي ۽ انهن تي عمل لاءِ استعمال نہ ٿئي. پرڏيهي کاتي موجب، رڳو هلندڙ سال پاڪستان ۾ اهڙن حملن جي نتيجي ۾ 3500 کان وڌيڪ ماڻهو شهيد يا زخمي ٿي چڪا آهن. بيان ۾ چيو ويو آهي تہ گڏيل قومن جي لاڳاپيل ادارن، جن ۾ مانيٽرنگ ٽيم پڻ شامل آهي ، جي رپورٽن ۾ خدشن جو اظهار ڪيو ويو آهي تہ افغان طالبان حڪومت پابندي مڙهيل تحريڪ طالبان پاڪستان (ٽي ٽي پي) ۽ بلوچستان لبريشن آرمي(بي ايل اي) سميت ڪيترين ئي دهشتگرد تنظيمن کي پناهہ ڏئي رهي آهي. پرڏيهي کاتي موجب، هزارين پاڪستاني شهري اهڙن دهشتگرد پسند حملن ۾ شهيد ٿي چڪا آهن. جن جي منصوبابندي، مالي مدد ۽ ڪارروائيون افغان سرزمين تان ڪيون ويون، جڏهن تہ انهن حملن ۾ افغان طالبان حڪومت جي سرپرستي ۽ سهڪار پڻ شامل رهيو آهي. بيان موجب، ڪو بہ ذميوار ملڪ پنهنجي شهرين ۽ سيڪيورٽي فورسز کي مسلسل نشانو بڻائڻ تي خاموش نٿو رهي سگهي. پرڏيهي کاتي وڌيڪ چيو تہ دهشتگردن حملن جي جواب ۾ پاڪستان جون ڪارروائيون پنهنجي دفاع جي حق تحت، انتهائي حالتن ۾ ۽ آخري حل طور ڪيون ويون، جن جو نشانو افغانستان ۾ موجود دهشتگردن ۽ انهن جا رسدي مرڪز هئا. پاڪستان عالمي برادريءَ تي زور ڏنو آهي تہ گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي لاڳاپيل ٺهرائن ۽ ٻين واعدن تي عمل نہ ڪرڻ تي افغان طالبان حڪومت کي جوابده بڻايو وڃي. بيان ۾ واضح ڪيو ويو تہ پاڪستان پنهنجي خودمختياري، علائقائي سالميت ۽ شهرين جي تحفظ لاءِ سڀ ضروري قدم کڻڻ جو حق محفوظ رکي ٿو.

بقايا *** 21

ڪيل فيصلو چوڻون پيرو ملتوي ڪندي 26 نومبر تائين ٻڌائي ملتوي ڪري ڇڏي، عليمہ خانم جي وڪيل فيصل ملڪ جي اڳواڻيءَ ۾ قانوني ٽيم عدالت ۾ پيش ٿي، جڏهن تہ پراسيڪيوشن ٽيم پڻ عدالت جي ڪمري ۾ موجود هئي. عليمہ خانم جي وڪيل وڌيڪ دليل ڏيڻ جي اجازت لاءِ درخواست ڪئي هئي، جنهن تي عدالت محفوظ ڪيل فيصلو 26 نومبر تائين ملتوي ڪري ڇڏيو.

بقايا *** 22

ڪري ڇڏي آهي.اسرائيلي چونڊن کان هڪ ڏينهن اڳ صدر ٽرمپ سوشل ميڊيا تي نيتن ياهو جي حمايت ۾ بيان ڏيندي چيو آهي تہ اسرائيلي عوام نيتن ياهو کي ووٽ ڏين تہ جيئن اسان ٻنهي گڏجي جيڪو ڪم شروع ڪيو اهو پورو ڪري سگهون. نيتن ياهو سان گڏجي وڏيون فوجي ڪاميابيون حاصل ڪيون، اهو هڪ ويڙهاڪ وزيراعظم رهيو آهي.هن چيو تہ اسان ايران کي ايٽمي هٿيارن کي حاصل ڪرڻ کان روڪيو ڪجهہ ماڻهو اسرائيل کي ننڍو ۽ آمريڪا کي وڏو شيطان چوندا هئا پر هاڻي انهن جا نعرا نہ پيا ٻڌڻ ۾ اچن آمريڪي صدر ٽرمپ جو اهو بيان اسرائيل ۾ ايندڙ چونڊن کان اڳ سامهون آيو آهي ۽ انهي کي نيتن ياهو جي کليل حمايت جي طور تي ڏٺو پيو وڃي. آمريڪي صدر پنهنجي پيغام ۾ اسرائيلي ووٽرز کي سڌو سنئون مخاطب ٿيندي انهن کان نيتن ياهو جي حق ۾ ووٽ ڏيڻ جي اپيل ڪئي.

بقايا *** 23

آچر ڏينهن تاريخي طور چونڊون پيرو صدر چونڊجي ويو، پر سندس شڪست کاڌل مخالف ۽ آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي حامي سينيٽر فلاويو بولسونارو نتيجا قبول ڪرڻ کان انڪار ڪندي قانوني طور چئلينج ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي. 80 سالن جي کابي ڌر جي اڳواڻ 52 سيڪڙو کان ٿورا گهٽ ووٽ حاصل ڪري ٻئي مرحلي جي چونڊ کٽي ورتي. سندس ڪاميابي لاطيني آمريڪا ۾ ساڄي ڌر ڏانهن وڌندڙ سياسي لاڙي جي ابتڙ آهي. چونڊ مهم دوران مهانگائي، ڏوهن ۽ بدعنواني بابت خدشا ڇانيل رهيا. لولا جي مقابلي ۾ لڳ ڀڳ 44 لک ووٽ گهٽ حاصل ڪندڙ فلاويو بولسونارو چيو تہ سندس ٽيم سپريم ڪورٽ جي آخري وقت ۽ ووٽنگ جو مدو ٻن ڪلاڪن تائين وڌائڻ واري فيصلي کي چئلينج ڪندي. برازيل جي گادي واري شهر برازيليا ۾ لولا جي ڪاميابيءَ جو اعلان ٿيڻ کان پوءِ حامين کي خطاب ڪندي فلاويو چيو تہ انهن واقعن جي پسمنظر ۾ چونڊ نتيجن کي قبول ڪرڻ ناممڪن آهي.هن چيو تہ اسان هر قانوني ڪارروائي ڪنداسين ۽ چونڊن کي ڪالعدم قرار ڏيڻ جي درخواست ڏينداسين. 1989 ع ۾ سڌي ريت صدارتي چونڊن جي بحالي کان پوءِ پهريون ڀيرو ڪنهن اميدوار پهرين مرحلي ۾ ٻئي نمبر تي اچڻ باوجود ٻئي مرحلي ۾ صدر جي چونڊ کٽي آهي. ٻيهر چونڊجڻ کان پوءِ لولا چيو تہ هو يقيني بڻائيندو تہ سندن حڪومت هلائڻ جو طريقو تبديل ڪيو ويندو ۽ عوام کي فيصلن ۾ وڌيڪ ڪردار ڏنو ويندو لولا جي حامين [illegible] خاص طور نوجوانن جي جيڪي جمهوريت جي بچاءَ لاءِ روڊن تي نڪتا هئا. ريو ڊي جينيرو ۾ لولا جا حامي هڪ ٻئي کي ڀاڪر پائيندي، گاڏين جا هارن وڄائيندي ۽ هٿن سان ’ايل‘ جو نشان ٺاهيندي ڏٺا ويا. اهم سوئنگ رياست ميناس گيرائيس جي گادي واري شهر بيلو هوريزونٽي ۾ پڻ حامين نعرا هنيا ۽ گيت ڳايا. لولا جي ڪاميابي بولسونارو جي سياسي تحريڪ لاءِ وڏو ڌڪ آهي. فلاويو هن ڪم ۾ ناڪام رهيو جيڪو سندس پيءُ، اڳوڻو صدر جيئر بولسونارو 2022 ع ۾ بہ نہ ڪري سگهيو هو يعني لولا کي ووٽن ذريعي شڪست ڏيڻ. جيئر بولسونارو هن وقت جيل ۾ آهي. چونڊن جو ڏينهن ڇڪتاڻ وارو رهيو ٻنهي اميدوارن جي آخري وقت ۽ چونڊ اختيارين کي درخواستون ڪيون تہ ووٽنگ جو وقت ٻن ڪلاڪن لاءِ وڌايو وڃي. برازيل جي سپريم ڪورٽ جي جج ڪرسٽيانو زانين لولا جي چونڊ مهم جي درخواست منظور ڪئي. لولا جي ٽيم چيو تہ ڪيترين ئي رياستن ۾ ووٽرن کي پولنگ اسٽيشنن تائين پهچائيندڙ بسن سان پيش آيل مسئلن سبب ووٽنگ متاثر ٿي رهي هئي. بولسونارو جي چونڊ مهم پڻ ڪجهہ علائقن ۾ وقت وڌائڻ جي درخواست ڪئي هئي، جنهن جو سبب تيز برسات سبب ووٽرن کي پولنگ اسٽيشنن تائين پهچڻ ۾ پيش ايندڙ ڏکيائيون ٻڌايون ويون. وقت وڌائڻ جو فيصلو برازيليا ۾ شام لڳ ڀڳ پنجين وڳي جاري ٿيو جڏهن ڪجهہ پولنگ بند ٿيڻ واري هئي ۽ ڪيترائي پولنگ اسٽيشن اڳ ئي بند ٿي چڪا هئا. فلاويو بولسونارو جي چونڊ مهم ان فيصلي خلاف قانوني چئلينج ڪرڻ جو اعلان ڪيو. ولسن سينٽر جي برازيل انسٽيٽيوٽ سان لاڳاپيل پائولو سوٽيرو سي اين اين کي ٻڌايو تہ [illegible] برازيل جي سپريم ڪورٽ [illegible] لاطيني آمريڪا [illegible] عڪاسي ڪئي. اپريل 2025 ع کان ايڪواڊور، بوليويا، هونڊوراس، چلي، ڪوسٽاريڪا، ڪولمبيا ۽ پيرو ۾ ٿيندڙ ڪيترين ئي صدارتي چونڊن ۾ ساڄي يا وچ ساڄي ڌر جا اميدوار ڪامياب ٿيا آهن.

بقايا *** 24

تي گلن جي چادر پيش ڪئي وئي آهي. پاڪ فوج جي عام لاڳاپن واري شعبي (آءِ ايس پي آر) موجب فيلڊ مارشل عاصم منير، پاڪ فضائيہ ۽ بحريہ جي سربراهن شهيد نائڪ سيف علي جنجوعہ کي [illegible] پيش ڪئي. نيشنل اسٽريٽجڪ ڪمانڊ جي ڪمانڊر جنرل سيد عامر رضا پڻ شهيد کي خراج عقيدت پيش ڪيو.آءِ ايس پي آر موجب 1948 ع جي جنگ دوران نائڪ سيف علي جنجوعہ شهيد بي مثال بهادري، جرئت جو مظاهرو ڪيو ۽ [illegible] جي اهم دفاعي چوڪيءَ جو بهادريءَ سان دفاع ڪيو. بيان ۾ چيو ويو آهي تہ سخت حملن باوجود نائڪ سيف علي جنجوعہ شهيد ثابت قدم رهيو سندس قرباني پاڪ فوج جي بهادري ۽ ثابت قدميءَ جي علامت آهي. جيڪا ايندڙ نسلن لاءِ مشعل راهہ رهندي. آءِ ايس پي آر موجب پاڪستان پنهنجي شهيدن جي قربانين جو هميشہ قرضي رهندو ۽ انهن جون قربانيون مادرِ وطن جي دفاع ۽ خدمت لاءِ رستو روشن ڪنديون رهنديون.

بقايا *** 25

ڪمشنر ٽنهي پيرن جي نظربنديءَ جو مدو مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ ٻيهر وڌائڻ جي تجويز موڪلي هئي، جنهن جي حڪومت منظوري ڏئي ڇڏي آهي.

بقايا *** 26

ان ۾ دهشتگردن خلاف ڪامياب ڪارروائين تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو آهي تہ دهشتگرديءَ خلاف جنگ ۾ فورسز جي بهادري، پيشہ ورانہ صلاحيتون ۽ قربانيون قابل قدر آهن بلاول ڀٽو زرداري ڊيرا اسماعيل خان ۾ آپريشن دوران شهادت جو رتبو ماڻيندڙ نائيڪ غلام مرتضيٰ ۽ سپاهي تاثير احمد کي خراج عقيدت پيش ڪيو ۽ شهيدن جي درجن جي بلنديءَ لاءِ دعا ڪئي. هن شهيدن جي گهروارن سان تعزيت ۽ ٻڌي جو اظهار ڪيو پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلوچستان جي علائقي قلعہ سيف الله ۾ دهشتگرد ڪمانڊر جي مارجڻ کي سيڪيورٽي فورسز جي مؤثر ڪارروائين جو ثبوت قرار ڏيندي چيو تہ دهشتگرديءَ خلاف جنگ ۾ سيڪيورٽي اهلڪارن جي جرئت، مهارت ۽ عزم قوم لاءِ همٿ جو سبب آهي.بلاول ڀٽو زرداري اهو عزم ظاهر ڪيو تہ دهشتگرديءَ جي مڪمل خاتمي ۽ ملڪ ۾ امن ۽ استحڪام جي قيام لاءِ قومي عزم پختو آهي.

بقايا *** 27

عالمي بلين مارڪيٽ ۾ في اونس سون جي قيمت 14 ڊالر جي اضافي سان 4 هزار 9 ڊالرجي سطح تي اچي وئي جنهن سبب مقامي صرافہ مارڪيٽن ۾ بہ سومر تي في تولو سون جي قيمت 1 هزار 400 روپين جي اضافي سان 4 لک 23 هزار 436 روپين تي وڃي پهتي. اهڙي طرح في 10 گرام سون جي قيمت بہ 1 هزار 201 روپين جي اضافي سان 3 لک 63 هزار 28 روپين جي سطح تي اچي وئي. هوڏانهن عالمي مارڪيٽ ۾ في اونس چانديءَ جي قيمت 20 سينٽس جي اضافي سان 54 ڊالرجي سطح تي اچي وئي جنهن سبب مقامي صرافہ مارڪيٽن ۾ بہ في تولو چانديءَ جي قيمت 20 روپين جي اضافي سان 5 هزار 878 روپيہ ۽ في 10 گرام چانديءَ جي قيمت بہ 17 روپين جي گهٽتائي سان 5 هزار 039 روپين جي سطح تي اچي وئي.

بقايا *** 28

جا 2 اهلڪار شهيد ٿي ويا. آءِ ايس پي آر طرفان جاري ڪيل بيان موجب سيڪيورٽي فورسز 24 آڪٽوبر 2026 تي ضلعي ڊيرا اسماعيل خان جي علائقي زرڪائي ۾ ڀارتي سرپرستي يافتہ فتنہ الخوارج جي موجودگيءَ جي ڳجهي اطلاع جي بنياد تي ڪارروائي ڪئي. بيان ۾ چيو ويو آهي تہ سيڪيورٽي فورسز جي ڪارروائي دوران 6 خوارج مارجي ويا، آءِ ايس پي آر موجب هن ڪارروائي ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ دوران سيڪيورٽي فورسز جا 2 اهلڪار پنجاب جي ضلعي گجرات سان تعلق رکندڙ 36 ورهين جو نائيڪ غلام مرتضيٰ ۽ ضلع ملہ گنگ سان تعلق رکندڙ 30 ورهين جو سپاهي تاثير بهادري سان وڙهندي شهادت ماڻي. آءِ ايس پي آر جو چوڻ آهي تہ مارجي ويل دهشتگردن جي قبضي مان هٿيار ۽ بارودي مواد هٿ ڪيو ويو آهي. مارجي ويل دهشتگرد علائقي ۾ سيڪيورٽي فورسز قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي خلاف دهشتگردي جي ڪارروائين ۽ بي گناهہ شهرين جي قتل جي وارداتن ۾ سرگرم هئا. آءِ ايس پي آر ٻڌايو تہ علائقي ۾ وڌيڪ خوارج جي موجودگي کي ختم ڪرڻ جي لاءِ سيڪيورٽي فورسز جو آپريشن جاري آهي. سيڪيورٽي فورسز ملڪ مان دهشتگردي جو ناسور ختم ڪرڻ جي لاءِ عزم استحڪام جي تحت ڪارروائي جاري رکندي. هوڏانهن وزيراعظم آفيس طرفان جاري ڪيل بيان موجب وزيراعظم شهباز شريف ڊيرا اسماعيل خان جي علائقي زرڪائي ۾ سيڪيورٽي فورسز جي ڪامياب انٽيليجنس بيسڊ آپريشن ۾ ڀارتي سرپرستي ۾ سرگرم 6 خوارج کي مارڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين ۽ آپريشن جي دوران بهادري سان وڙهندي شهادت ماڻيندڙ نائيڪ غلام مرتضيٰ ۽ سپاهي تاثير احمد کي خراج عقيدت پيش ڪيو

بقايا *** 29

ي وئي، جنهن جي حمايت مانيٽري پاليسي ڪميٽي جي 10 مان 9 ميمبرن ڪئي. گورنر چيو تہ تيل جي اگهن ۾ واڌ، پيٽروليم شين جا اگهہ 100 ڊالر في بيرل کان مٿي رهڻ ۽ ڪڻڪ مهانگي ٿيڻ جي سبب مهانگائيءَ وڌڻ جا خدشا آهن. سندس چوڻ موجب، عالمي سياسي صورتحال سبب توانائيءَ جون قيمتون بہ وڌيون آهن. هن ٻڌايو تہ هلندڙ مالي سال دوران ملڪ جي معاشي واڌ جي شرح 3.5 کان 4.5 سيڪڙو رهڻ جو امڪان آهي، جڏهن تہ پاڪستان جون برآمدات اڃا تائين گهربل سطح تي نہ پهتيون آهن.

بقايا *** 30

ڪرڻ لاءِ وڌيڪ ڊاڪٽر ۽ نرسون تيار ڪرڻيون پونديون. ملڪ جي ضرورت پوري ڪرڻ ڪانپوءِ جيڪڏهن اهي ٻاهرين ملڪن ۾ روزگار حاصل ڪن ٿا تہ ان تي عمل کي برين ڊرين (صلاحيتن جو ملڪ مان ٻاهر وڃڻ) نٿو چئي سگهجي، پر اهو ملڪي معيشت لاءِ سهارو بڻجي ٿو. اسان کي ڊاڪٽرن ۽ نرسن جي تربيت ڏيندڙ ادارن جي سرپرستي ۽ حوصلا افزائي ڪرڻ گهرجي. اهڙن خيالن جو اظهار هن گذريل ڏينهن هورائزن انسٽيٽيوٽ آف هيلٿ سائنسز ۽ سواستو اسڪول آف نرسنگ اينڊ هيلٿ سائنسز جي ڇهين گڏيل ڪانووڪيشن کي خاص مهمان طور خطاب ڪندي ڪيو. تقريب دوران ٻنهي ادارن جي 600 نرسنگ گريجوئيٽس کي ڊگريون ۽ سندون ڏنيون ويون، نمايان پوزيشنون حاصل ڪندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين ۾ گولڊ، سلور ۽ برونز ميڊل پڻ ورهايا ويا. تقريب ۾ گريجوئيٽس جي والدين ۽ ٻين مهمانن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. صوبائي وزير سعيد غني چيو تہ پاڪستان ۾ ڊاڪٽرن ۽ نرسن جي وڏي کوٽ آهي. ٻين شعبن ۾ بہ ماهر ماڻهن جي ضرورت آهي، پر صحت جو شعبو اهڙو آهي، جتي ڊاڪٽرن ۽ نرسن جي کوٽ سبب رڳو مالي نقصان نہ ٿيندو آهي، پر انساني زندگيون بہ متاثر ٿينديون آهن. [illegible] هن چيو تہ اسان لاءِ ضروري آهي تہ پنهنجي معاشري جون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ وڌ کان وڌ ڊاڪٽر ۽ نرسون تيار ڪيون. [illegible] سعيد غني چيو تہ [illegible] ملڪي معيشت [illegible]

بقايا *** 31

صدر ٽائون منصور احمد شيخ صدر ٽائون جي مختلف علائقن جو دورو ڪري اتي جاري ترقياتي ڪمن جو جائزو ورتو ۽ اتي جي عوام جي مسئلن بابت معلومات حاصل ڪئي. هن چيو تہ صدر ٽائون جي ترقي، شهرين کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ عوام کي درپيش مسئلن جو حل سندس پهرين ترجيح آهي.منصور احمد شيخ چيو تہ هڪ بلدياتي نمائندي جي حيثيت ۾ سندس بنيادي ذميواري آهي تہ شهرين کي بهتر سهولتون فراهم ڪيون وڃن، علائقي جي حالت بهتر بڻائي وڃي ۽ عوامي مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪيا وڃن. صدر ٽائون ڪراچي جو هڪ اهم ۽ گنجان آبادي وارو علائقو آهي، جتي شهرين جي ڪيترن ئي مسئلن جي حل لاءِ رٿابندي، مسلسل نگراني ۽ عملي قدم کڻڻ جي ضرورت آهي. هن چيو تہ ترقياتي منصوبن جو مقصد صرف تعميراتي ڪم مڪمل ڪرڻ نہ، پر انهن ذريعي شهرين کي حقيقي رليف فراهم ڪرڻ پڻ آهي. ان لاءِ جاري منصوبن جي معيار، رفتار ۽ افاديت تي خاص ڌيان ڏيڻ گهرجي، جيئن عوام کي انهن منصوبن جا فائدا وقت سر ملي سگهن.چيئرمين صدر ٽائون جاري ترقياتي ڪمن جو جائزو وٺندي ذميوارن کي هدايت ڪئي تہ تعميراتي ڪمن جو معيار برقرار رکيو وڃي ۽ عوامي وسيلن جو ذميواريءَ سان استعمال يقيني بڻايو وڃي. هن چيو تہ شهرين جي ضرورتن کي نظر ۾ رکندي ترقياتي منصوبن جي اثرائتي نگراني ۽ مسئلن جي بروقت نشاندهي ضروري آهيمنصور احمد شيخ چيو تہ صدر ٽائون جي رهواسين کي بهتر شهري سهولتون فراهم ڪرڻ، علائقن جي بهتري ۽ عوامي شڪايتن جي ازالي لاءِ سمورا دستياب وسيلا ڪتب آڻڻ گهرجن. عوامي مسئلن جي حل لاءِ لاڳاپيل کاتن وچ ۾ بهتر رابطي ۽ سهڪار کي پڻ يقيني بڻائڻ ضروري آهيهن چيو تہ عوامي شڪايتن جي بنياد تي غيرقانوني پارڪنگ مافيا ۽ ناجائز حدخلين خلاف ڪارروايون جاري آهن. عوام لاءِ پريشانيون پيدا ڪندڙن کي ڪنهن بہ صورت ۾ ڇوٽ نہ ڏني ويندي. هن وڌيڪ چيو تہ پاڪستان تحريڪ انصاف عوامي خدمت، شفافيت ۽ شهرين کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ تي يقين رکي ٿي. صدر ٽائون جي ترقي لاءِ عملي قدم جاري رکيا ويندا ۽ عوامي مفاد وارن منصوبن کي ترجيح ڏني ويندي.چيئرمين صدر ٽائون ان عزم جو اظهار ڪيو تہ علائقي جي بهتري ۽ شهرين جي مسئلن جي حل لاءِ ڪوششون جاري رهنديون، ڇاڪاڻ تہ عوام کي رليف فراهم ڪرڻ ۽ سندن زندگيءَ جو معيار بهتر بڻائڻ ئي حقيقي ترقي جو بنيادي مقصد آهي.

بقايا *** 32

جي چيئرمين محمد بخش جت افسوس جو اظهار ڪندي سمنڊ ۾ پلاسٽڪ ۽ ڪچري جي وڌندڙ گدلاڻ تي ڳڻتي ظاهر ڪئي آهيمحمد بخش جت موجب نادر نسل جا اهي سامونڊي ڪاچبا سال ۾ هڪ ڀيرو سامونڊي رستي ڪراچي جي ساحلي علائقن ڏانهن رخ ڪن ٿا. هن چيو تہ سمنڊ ۾ پلاسٽڪ جي ٿيلهين ۽ ٻئي ڪچري جي موجودگي سندن بقا لاءِ خطرو بڻجي ٿي، ۽ اهو بہ خدشو آهي تہ هي ڪڇي جي موت پلاسٽڪ جي آلودگي سبب ٿيو هجي. تنهن هوندي سندس موت جي اصل سبب جي تصديق نہ ٿي سگهي آهيهن چيو تہ سامونڊي ساحلن تي ڦهلجندڙ ڪچرو ۽ اڇليل پلاسٽڪ آبي جيوت لاءِ سنگين خطرا پيدا ڪري رهيو آهي. سندس چوڻ مطابق سامونڊي جيوت جي تحفظ لاءِ مؤثر قدمن ۽ ساحلي علائقن کي گدلاڻ کان پاڪ رکڻ جي ضرورت آهيمحمد بخش جت مقامي ماهيگيرن جي مسئلن تي بہ ڳڻتي جو اظهار ڪيو ۽ الزام لڳايو تہ [illegible] ۽ مبينا ڪرپشن سبب ماهيگيرن کي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي ۽ مختلف ڪمن لاءِ مبينا طور [illegible] سيڪڙو ڪميشن گهري ويندي آهي. هن چيو تہ ماهيگير سمنڊ مان روزگار حاصل ڪن ٿا، پر کين معاشي مشڪلاتن سان گڏ سامونڊي ماحول جي آلودگي جهڙن مسئلن جو بہ منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي.

بقايا *** 33

ر رکڻ جي ڪيس ۾ گرفتار ٻن جوابدارن رحيم فضل ۽ بالاچ بلوچ کي جسماني ريمانڊ تي ڪائونٽر ٽيررازم ڊپارٽمينٽ (سي ٽي ڊي) جي تحويل ۾ ڏئي ڇڏيو آهي. [illegible] ملزمن کي ريمانڊ لاءِ سومر جي صبح عدالت ۾ پيش ڪيو ويو. پيشي دوران تفتيشي آفيسر موقف اختيار ڪيو تہ ملزمن جو تعلق ڪالعدم تنظيم تحريڪ طالبان پاڪستان (ٽي ٽي پي) ۽ بلوچستان لبريشن آرمي (بي ايل اي) سان آهي ۽ اهي مبينا طور دهشتگرديءَ جي منصوبابندي ڪري رهيا هئا.تفتيشي آفيسر عدالت کان اپيل ڪئي تہ جوابدارن جي ٻين ساٿين جي گرفتاري ۽ ڪيس جي وڌيڪ تفتيش لاءِ ٻنهي ملزمن کي 14 ڏينهن جو جسماني ريمانڊ ڏنو وڃي.عدالت ملزمن کي جسماني ريمانڊ تي سي ٽي ڊي جي حوالي ڪندي تفتيشي آفيسر کان پيش رفت رپورٽ طلب ڪري ورتي.

بقايا *** 34

ي ويندي. قائد جمعيت مولانا فضل الرحمان جي قيادت ۾ جي يو آءِ جا لکين ڪارڪن ديني مدرسن جي تحفظ لاءِ هر قسم جي قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهن. اهڙن خيالن جو اظهار [illegible] عبدالجبار رند جي صدارت هيٺ محمدي مسجد جيڪب آباد ۾ منعقد ٿيل مجلس عمومي جي اجلاس کي خطاب ڪندي ڪيو. [illegible] مولانا نصرالله گهنيو، مولانا عبدالحليم [illegible] مولانا مولا بخش بڪرائي، بابو بنگلاڻي، مولانا شهنواز رحماني ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو تہ [illegible] اڳواڻن چيو تہ ديني ادارن جي تحفظ، امن ۽ اسلامي شعائر جي پاسداري لاءِ جي يو آءِ پنهنجي جدوجهد جاري رکندي. ان موقعي تي تعلقي سالار غلام قادر بروهي جي وفات تي ڏک جو اظهار ڪندي الله تعاليٰ کان دعا ڪئي تہ مرحوم کي جنت الفردوس ۾ جاءِ ۽ لواحقين کي صبر جي توفيق عطا فرمائي.

بقايا *** 35

ويجهي گوٺ ۾ منعقد شادي جي تقريب ۾ شرڪت ڪانپوءِ واپس گهر ڏانهن اچي رهيا هئا. ريسڪيو ذريعن موجب حادثو ايترو شديد نوعيت جو هو [illegible] گاڏي ۾ باهہ لڳي وئي هئي. ريسڪيو اختيارين وڌيڪ ٻڌايو تہ فوت ٿيلن ۾ 3 ٻار ۽ 2 عورتون بہ شامل آهن. واقعي ۾ فوت ٿيلن ۾ 40 ورهين جو ارشد، 35 ورهين جي نگهت، 17 ورهين جي لائبہ، 10 ورهين جو طيب محمود، 7 ورهين جي رائمہ نور، 4 ورهين جو ڪاشان [illegible] ريسڪيو اختيارين موجب [illegible] 7 ڄڻا سوار هئا [illegible] ڊرائيور جيپ تي ڪنٽرول نہ رکي سگهيو جنهن سبب گاڏي اونڌي ڪاهي ڪري پئي.

بقايا عوامي سوچ 01

ستان ست ياڱي چار جي مڪان مزارتل واري علائقي ۾ زمين جي تڪرار جي نبيري لاءِ اڳوڻي ناظم بشير احمد جوکيو، يوسي جنگشاهي جي چيئرمين ڪريم الله جوکيو، يوسي ڪوهستان جي چيئرمين بابو غلام مصطفيٰ جوکيو، ضلعي ڪائونسل ميمبر ڪوهستان پورو عرف حسن علي جوکيو، سليم اختر جوکيو ۽ ٻين معزز امينن زمين تي پهچي ڊنگ جو جائزو ورتو. ان موقعي تي امينن ٻنهي ڌرين، پهرين ڌر جي عبدالعزيز جوکيو ۽ ٻي ڌر جي اسماعيل جوکيو، جا موقف ٻڌا ۽ زمين جي ڊنگ جو معائنو ڪيو. امينن پاران ٻنهي ڌرين جون ڳالهيون ٻڌڻ ۽ زمين جو جائزو وٺڻ ڪانپوءِ تڪرار بابت حتمي فيصلو ڪرڻ لاءِ ٻي تاريخ مقرر ڪئي ويندي.

بقايا عوامي سوچ 02

، سيد امداد علي شاهه 28 آڪٽوبر 2026ع تي صبح جو 11 وڳي ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيس ميرپورخاص ۾ عوامي شڪايتون ٻڌڻ لاءِ کليل ڪچهري منعقد ڪندو. هن سرڪاري ملازمن ۽ پينشنرن کي اپيل ڪئي آهي ته پينشن، گريجوئيٽي، پگهارن ۽ رهتن جي عدم ادائيگي يا دير سميت ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيس سان لاڳاپيل ڪنهن به شڪايت جي صورت ۾ لکت واري درخواست ۽ لاڳاپيل دستاويزن سان گڏ کليل ڪچهريءَ ۾ شرڪت ڪن، ته جيئن شڪايتن جي ازالي لاءِ ضروري ڪارروائي ڪري سگهجي.

بقايا عوامي سوچ 03

ي عوام سان يڪجهتيءَ جي اظهار لاءِ 27 آڪٽوبر تي ميرپورخاص ۾ ريلي ڪڍي ويندي. اطلاعات کاتي سنڌ، ميرپورخاص ڊويزن پاران جاري ڪيل هينڊ آئوٽ موجب، حڪومت سنڌ جي هدايتن تي ضلعي انتظاميا طرفان صبح جو 10 وڳي ڪمشنر ڪمپليڪس ۽ ڊپٽي ڪمشنر آفيس ميرپورخاص ۾ هڪ منٽ جي خاموشي اختيار ڪئي ويندي، جڏهن ته صبح جو 10 لڳي 5 منٽن تي ڊپٽي ڪمشنر ميرپورخاص نواب سمير لغاري جي اڳواڻيءَ ۾ ريلي ڪڍي ويندي، جيڪا ڪمشنر ڪمپليڪس کان شروع ٿي ميرپورخاص پريس ڪلب پهچندي. ريلي جو مقصد ڪشميري عوام سان يڪجهتيءَ جو اظهار ڪرڻ، سندن حق خودارديت جي حمايت ڪرڻ ۽ والَاريل ڪشمير ۾ انساني حقن جي ڀڃڪڙين خلاف آواز اٿارڻ آهي. ضلعي انتظاميا لاڳاپيل کاتن، تعليمي ادارن، آفيسرن، عملي، استادن، شاگردن ۽ سول سوسائٽيءَ جي نمائندن کي تقريبن ۾ شرڪت يقيني بڻائڻ جي هدايت ڪئي آهي. ان موقعي تي پاڪستاني ۽ ڪشميري جهنڊا، بينر ۽ ڪاربون پٽيون استعمال ڪري ڪشميري عوام سان يڪجهتيءَ جو اظهار پڻ ڪيو ويندو

بقايا عوامي سوچ 04

ادارن سان تعلق رکندڙ ڊاڪٽرن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. تقريب ۾ YDA سنڌ جي مرڪزي چيئرمين ڊاڪٽر محبوب نوناري، صدر ڊاڪٽر روشن علي چانڊيو، ڊاڪٽر مير افضل خاصخيلي (صدر YDA LUMHS)، ڊاڪٽر شهريار شيخ (صدر YDA ڪراچي ڊويزن)، ڊاڪٽر شاهد (YDA NICH)، ڊاڪٽر فريد چنڙ (YDA LUMHS)، ڊاڪٽر زين مگسي (YDA ڊينٽل)، ڊاڪٽر رڪيش (YDA حيدرآباد) ۽ YDA ميڊيا ٽيم جي ميمبر مسٽر مزمل سميت ٻين مرڪزي اڳواڻن شرڪت ڪئي. تقريب دوران ينگ ڊاڪٽرز ايسوسيئيشن ضلعي ٺٽي جي نئين چونڊيل باڊي جو باضابطه اعلان ڪيو ويو. ضلعي ٺٽي جي نئين باڊي اعلان موجب: چيف پيٽرن: ڊاڪٽر ممتاز چوهاڻ صدر: ڊاڪٽر ساجد شيخ سينيئر نائب صدر: ڊاڪٽر شيام ڪمار ۽ ڊاڪٽر عطاالله متي نائب صدر: ڊاڪٽر غلام علي دايو جنرل سيڪريٽري: ڊاڪٽر آڪاش عباسي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري: ڊاڪٽر سيد سلام الله شاهه فنانس سيڪريٽري: ڊاڪٽر مدد علي جوکيو انفارميشن سيڪريٽري: ڊاڪٽر مبشر جوکيو ميڊيا سيڪريٽري: ڊاڪٽر صفدر علي خواجا قانوني صلاحڪار: ڊاڪٽر مجاز قريشي پرائيويٽ پريڪٽشنرز ڪوآرڊينيٽر: ڊاڪٽر رميش ڪمار سوني ۽ ڊاڪٽر شير محمد ميمڻ جوائنٽ سيڪريٽري: ڊاڪٽر منيش ڪمار جڏهن ته ڊاڪٽر فهيم مگسي، ڊاڪٽر عليم عقيلي، ڊاڪٽر محمد موسيٰ ۽ ٻين ڊاڪٽرن کي ايگزيڪيوٽو ميمبرن ۾ شامل ڪيو ويو. ڊاڪٽرن جي حقن ۽ اتحاد لاءِ گڏيل جدوجهد جو عزم تقريب کي خطاب ڪندي YDA سنڌ جي مرڪزي قيادت ۽ ضلعي ٺٽي جي نئين باڊي جي اڳواڻن ڊاڪٽرن جي حقن جي تحفظ، صحت جي شعبي ۾ درپيش مسئلن جي حل، نوجوان ڊاڪٽرن جي فلاح ۽ طبي ادارن ۾ بهترين ڪم ڪندڙ ماحول جي فراهمي لاءِ گڏيل جدوجهد جي اهميت تي زور ڏنو. مرڪزي قيادت ضلعي ٺٽي جي نئين باڊي کي مبارڪباد ڏيندي اميد ظاهر ڪئي ته نئين قيادت ڊاڪٽرن جي نمائندگي ڪندي، سندن جائز مطالبن کي اجاگر ڪرڻ، تنظيم کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ ۽ طبي برادري ۾ اتحاد ۽ هم آهنگي پيدا ڪرڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪندي. تقريب ۾ ضلعي ٺٽي ۽ سجاول جي ڊاڪٽرن جي وڌندڙ شرڪت ۽ تنظيم سان وابستگي کي ساراهيو ويو. جڏهن ته نوجوان ڊاڪٽرن جي حقن ۽ صحت جي نظام ۾ مثبت تبديلي آڻڻ لاءِ گڏيل ڪوشش کي جاري رکڻ جو عزم پڻ ڪيو ويو. تقريب جو مقصد نوجوان ڊاڪٽرن کي هڪ پليٽ فارم تي متحد ڪري سندن حقن جي تحفظ، مسئلن جي حل ۽ صحت جي شعبي ۾ بهتري لاءِ هڪ مضبوط ۽ فعال تنظيم جوڙڻ هو

بقايا عوامي سوچ 05

مد جت، صالح ملاح، اشرف خاصخيلي ۽ ٻين ٺٽي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي سامونڊي پٽي ۾ تعمير ٿيندڙ ڪوسٽل هاءِ وي جي موجوده رٿابندي تي خدشا ظاهر ڪندي چيو آهي ته ڪوسٽل هاءِ وي روڊ کي اصل منظور ٿيل نقشي مطابق تعمير ڪيو وڃي، جيئن علائقي جي تاريخي ماڳن، قديم درگاهن، قبرستانن ۽ هزارين ايڪڙ زمين کي امڪاني نقصان کان بچائي سگهجي. هنن چيو ته سامونڊي پٽي ۾ ڪوسٽل هاءِ وي جي نالي سان ٿيندڙ تعميراتي ڪم بابت ڪين سخت خدشا آهن. موجوده رٿابندي سبب قديم تاريخي ورثن کي نقصان پهچڻ جو انديشو آهي، جنهن ۾ درگاهه چتن شاهه ۽ درگاهه رڪن شاهه سميت ٻين تاريخي ماڳن، قبرستان ۽ هزارين ايڪڙ سروي زمين سمنڊ جي حوالي ٿيڻ جو خدشو وڌي ويو آهي. اهي درگاهون ۽ قديم قبرستان اسان جي تاريخ، ثقافت ۽ عقيدي جو اهم حصو آهن. جن کي محفوظ رکڻ حڪومت ۽ لاڳاپيل ادارن جي ذميواري آهي. جيڪڏهن ترقياتي منصوبا اصل نقشي کان هٽي ڪري تعمير ڪيا ويندا ته ان سان نه رڳو تاريخي ورثي کي نقصان پهچندو پر ڳوٺ ۽ هزارين ايڪڙ زرخيز زمينون سمنڊ ڳڙڪائي ويندو. هنن چيو ته بااثر ماڻهن پنهنجون جيتيون بچائڻ لاءِ روڊ جي اصل نقشي کان هٽي ڪري اڍائي ڪلوميٽرن تائين روڊ کي يوٽرن ڏيئي ڳوٺ، زمينون، قبرستان ۽ درگاهن کي تباهي جي ور چاڙهي ڇڏيو آهي. هنن سنڌ حڪومت، لاڳاپيل اختيارين ۽ ٽڪ جي چونڊيل نمائندن کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي ڪوسٽل هاءِ وي جي موجوده تعميراتي رٿابندي جو جائزو ورتو وڃي ۽ روڊ کي اصل منظور ٿيل نقشي مطابق تعمير ڪرايو وڃي، جيئن قديم درگاهن، قبرستانن ۽ مقامي ماڻهن جي زمينن کي محفوظ بڻايو وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو.

بقايا عوامي سوچ 06

س جي عملي پاران رشوت جي بازار گرم ڪندي پئسن ڪانسواءِ ڪوبه جائز ڪم مفت ۾ ڪرڻ نه لڳي، جنهن ڪري ملازم سخت پريشان، جن رشوت خور عملي خلاف سخت ڪاروائي جي گهر ڪندي جائز ڪم جلد اڪلائي ملازمن کي وڌيڪ پريشاني کان بچائي رشور خور عملي خلاف سخت ڪاروائي جي گهر ڪري ڇڏي اهي، ان سلسلي ۾ پ ٽ الف ضلعي ٺٽي جي صدر محمد شريف تنيو، گسٽا ضلعي ٺٽي هي صدر محمد سليم ڪٽي، آپڪا ضلعي ٺٽي جي صدر احمد نواز پناڻ، گواز اڳواڻ سيد فداحسين شاهه ۽ ٻين ملازم تنظيمن جي اڳواڻن پاران پنهنجي جاري ڪيل پريس بيان ۾ چيو آهي ته ٽريزري کاتي ٺٽي جي آفيسرن توڙي عملي سميت ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيسر ٺٽو ۽ لاڳاپيل عملدارن سرڪاري ملازمن، رٽائرڊ ٿيل پينشنرن، بيواهه سميت سمورن کاتن جي ننڍن، وڏن ملازمن جا جائز مسئلا بنا رشوت جي نٿا حل ڪن. هنن چيو ته مذڪور کاتي جي عملدارن توڙي عملي تي بدعنواني، عدم تعاون ۽ جائز ڪمن ۾ رڪاوٽون وجهڻ سميت استادن، سرڪاري ملازمن، رٽائرڊ ملازمن، پينشنرن، بيواهن ۽ يتيمن سان ناروا سلوڪ ۽ غير مناسب رويو ۽ بدعوانيين جون شڪايتون عام آهن، خاص طور تي وفات ڪري ويل ملازمن جي خاندانن، بيواهن ۽ يتيمن جا پينشن ڪيس ڊگهي عرصي کان التوا ۾ پيل اهن، پر انهن کي وقت تي حل نٿو ڪيو وڃي ۽ نه ئي بلاجواز جڙتو اعتراض لڳايا ٿا وڃن، هنن چيو ته ان ڪانسواءِ رٽائرڊ ملازمن ۽ پينشنرن جا ڪيس، ڊفرنس بل، سروس بلن جي فڪسيشن، پگهارن ۽ پينشن سان لاڳاپيل دستاويز ۽ ٻيا جائز سرڪاري ڪم بغير رشوت جي نٿا ڪيا وڃن، هر معمولي ڪم ۾ التوا ۽ غير ضروري اعتراض ڪيا وڃن ٿا، جيڪي حقيقتن ڪم کي بلاجواز ڊگهو ڪرڻ ۽ متاثرن کي پريشان ڪرڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه به ناهي، هنن چيو ته جنهن ڪم جي ٽريزري کاتي جي عملدارن کي رشوت ملي ٿي اهي ڪم بنا ڪنهن اعتراض جي جلد کان جلد حل ڪيا وڃن ٿا، هنن چيو ته هن وقت استاد، پينشنر، بيواهه ۽ يتيم پريشان توڙي معاشي طور سخت متاثر بڻيل آهن، جن جي جائز مسئلن جي حل لاءِ پ ٽ الف، گسٽا، آپڪا، گواز ۽ ٻين سرڪاري تنظيمن طرفان متفقه راءِ سان جوائنٽ ايڪشن ڪميٽي جوڙي ويئي اهي، جنهن پليٽ فارم تان اسان اعلان ٿا ڪريون ته 28 آڪٽوبر تي ٽريزري آفيس ٺٽو اڳيان سخت احتجاج ڪيو ويندو، هنن گهر ڪئي ته لاڳاپيل عملدارن خلاف صاف شفاف جانچ ڪرائي ملازمن سان انصاف ڪري سندن جائز مسئلا حل ڪيا وڃن، جيئن هو پريشاني کان بچي سگهن، هنن چيو ته ملازمن جا جائز مسئلا حل نه ٿيا توڙي ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ آفيسر اڪائونٽس ۽ لاڳاپيل عملدارن خلاف مناسب ڪاروائي نه ٿي ته جوائنٽ ايڪشن ڪميٽي سمورن کاتن جي ملازمن سان گڏ وڌيڪ ڊگهي احتجاج جي حڪمت عملي اختيار ڪندي.

بقايا عوامي سوچ 07

ويا آهن، جڏهن ته ڳوٺاڻن جي اچ وڃ جا رستا پڻ بند ٿي ويا آهن. متاثر ڳوٺاڻن آبپاشي کاتي جي مبينا لاپرواهي تي ڳڻتي ظاهر ڪندي اختيارين کان فوري نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي. ان سلسلي ۾ ڪينجهر دوست فلاحي ترقياتي تنظيم جي صدر محمد موسيٰ ميربحر ايوان صحافت پريس ڪلب ٺٽي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته سندن ڳوٺ لال بخش منچري جيڪو 200 کان وڌيڪ گهرن تي مشتمل آهي گذريل هڪ صديءَ کان ڪينجهر ڍنڍ جي ڪناري تي آباد آهي، پر افسوس جو آبپاشي کاتي طرفان ڪينجهر ڍنڍ ۾ وڌيڪ پاڻي ڇڏڻ سبب سندن ڳوٺ پاڻيءَ هيٺ اچي ويو آهي. هن چيو ته ڳوٺاڻن کي نه ڪو اڳواٽ نوٽيس ڏنو ويو ۽ نه ئي پاڻيءَ جي چاڙهه بابت ڪا اطلاع فراهم ڪئي وئي، جنهن سبب مقامي رهواسي سخت پريشانيءَ کي منهن ڏئي رهيا آهن. محمد موسيٰ ميربحر ۽ ٻين چيو ته رڳو لال بخش منچري نه، پر حاجي علي بخش منچري، گهنڊڙي مياڻ ۽ ڪڏايون مياڻ سميت ٻين ڪيترن ئي ملاحن جا ڳوٺ پڻ پاڻيءَ جي گهيري ۾ اچي ويا آهن. جڏهن ته اچ وڃ جا رستا بند ٿيڻ سبب ڳوٺاڻن جي روزمره جي زندگي متاثر ٿي رهي آهي. هنن اعليٰ اختيارين ۽ آبپاشي کاتي جي عملدارن کان مطالبو ڪيو ته صورتحال جو فوري نوٽيس وٺي متاثر ڳوٺن جي رهواسين کي رليف فراهم ڪيو وڃي ۽ پاڻيءَ جي وڌندڙ سطح سبب پيدا ٿيل مسئلن جي حل لاءِ هنگامي بنيادن تي قدم کنيا وڃن.

بقايا عوامي سوچ 08

ائيڪل هٿ، ڪيس داخل. ايس ايڇ او ٽاٽو گهارو سب انسپيڪٽر فدا خاصخيلي پنهنجي عملي سميت ٽاٽي گهارو جي حد ۾ پراڻي پل پرسان ڪامياب ڪارروائي ڪندي منشيات جي ڪاروبار ۾ ملوث ٻن جوابدارن ڪرامت حسين ولد عبدالڪريم جويو ۽ عبدالمجيد ولد وريام عرف ورو حيدري فقير کي 4460 گرام چرس سميت گرفتار ڪري ورتو. ايس ايڇ او ٽاٽو گهوڙاٻاري سب انسپيڪٽر الله وسايو نوهڙي پنهنجي عملي سميت ٽاٽي گهوڙاٻاري جي حد ۾ ڏڪو لنڪ روڊ پرسان ڪامياب ڪارروائي ڪندي هڪ موٽرسائيڪل تحويل ۾ وٺندي ٻن جوابدارن محمد صديق ولد محمد عارف چانڊيو ۽ عمر ولد عيدو چانڊيو کي 30 گرام ڪرسٽل آئس سميت گرفتار ڪري ورتو. ان کان علاوه مڪلي ۽ ٺٽو پوليس مختلف هنڌن تي ڪارروايون ڪندي گٽڪو وڪرو ڪندڙ ٻن جوابدارن شاهد ولد احمد ميمڻ ۽ عباس ولد محمد خان خاصخيلي کي گٽڪا ماوا جي 250 پڙين سميت گرفتار ڪري ورتو. گرفتار جوابدارن خلاف لاڳاپيل ٿاڻن تي گٽڪا ايڪٽ ۽ نارڪوٽڪس ايڪٽ تحت ڌار ڌار ڪيس داخل ڪيا ويا آهن.

بقايا عوامي سوچ 09

ته گذريل 2 راتيون اڳ نامعلوم چور پاٽي واري اسڪيم جا لوهي پائيپ به چوري ڪري ويا آهن. جنهن ٿيل چوري جي اطلاع تي يوسي جهمپير جي چيئرمين حاجي فيض بروهي صحافين جي ٽيم سان گڏ ناڪار بڻيل واٽر سپلاءِ تي پهچي چوري ٿيل لوهي پائيپن جو جائزو وٺندي يوسي جهمپير جي چيئرمين حاجي فيض بروهي ناڪار بڻيل واٽر سپلاءِ کي فورن بحال ڪري واٽر سپلاءِ اسڪيم تي 2 چوڪيدار مقرر ڪرڻ جو مطالبو ڪندي چيو آهي ته جهمپير ويجهو امير پير وٽان ڪينجهر ڍنڍ مان ڪوهستاني 17 ڳوٺن کي پاڻي فراهم ڪندڙ سرڪاري واٽر سپلائي اسڪيم بحال ڪرڻ لاءِ سنڌ حڪومت کي لکيو ويو آهي، جنهن جي حفاظت لاءِ 2 چوڪيدار پڻ ضروري آهن، هن چيو ته هن سال ڪوهستاني پٽي ۾ برساتون نه پوڻ ڪري ڏڪاري حالتون شروع ٿي ويون آهن، هن چيو ته افسوس جي اها ڳالهه آهي ته گذريل 2 راتيون اڳ پاٽي واري اسڪيم جا لوهي پائيپ کي نامعلوم چور چوري ڪري ويا آهن، جن جو پڻ جائزو ورتو ويو آهي، يوسي جهمپير جي چيئرمين حاجي فيض محمد بروهي سنڌ حڪومت، ضلعي انتظاميه سميت ڪوهستاني پٽي ۾ قائم ونڊ پاور پراجيڪٽن جي انتّظاميه، پوليس توڙي چونڊيل نمائندن کان گهر ڪئي ته فورن واٽر سپلاءِ اسڪيم جي لوهي پائيپن جي ٿيل چوري جو نوٽيس وٺي، ڪينجهر ڍنڍ مان نڪرندڙ 17 ڪوهستاني ڳوٺن واري واٽر سپلاءِ اسڪيم کي بحال ڪرائي متاثر ڪوهستاني سمورن ڳوٺن جي رهواسين کي پيئڻ جي صاف پاڻي جي سهوليت مهيا ڪري وڌيڪ پريشاني کان بچايو وڃي، ان موقعي تي سماجي اڳواڻ ذوالفقار بروهي ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

بقايا عوامي سوچ 10

هو ته سينارٽي لسٽ کي نظرانداز ڪري من پسند ماڻهن کي پروموشن ڏنا ويا آهن، جنهن سبب حقدار ملازمن سان ناانصافي ٿي رهي آهي احتجاج ڪندڙ سمورن ملازمن آپڪا جي پليٽ فارم تان لاڳاپيل اختيارين ۽ ذميوار آفيسرن کان مطالبو ڪيو ته معاملي جي صاف ۽ شفاف انڪوائري ڪرائي وڃي ۽ سينارٽي توڙي مقرر ڪيل قانوني ضابطن مطابق جيڪي ملازم پروموشن جا حقدار آهن، انهن کي سندن حق ڏنو وڃي. ملازمن مطالبو ڪيو ته پروموشن واري عمل ۾ شفافيت يقيني بڻائي وڃي ته جيئن ڪنهن به ملازم سان ناانصافي نه ٿئي

بقايا عوامي سوچ 11

300 ميل فيميل استادن کي اعزازي شيلڊون پيش ڪري سندن تعليمي خدمتن جو اعتراف ڪيو ويو. تقريب دوران مختلف اسڪولن جي شاگردن ۽ شاگرديائين قومي گيتن تي خوبصورت ٽيبلوز پيش ڪيا، جن کي تقريب ۾ شريڪ ماڻهن پاران پرپور موٽ ڏني وئي. ان موقعي تي استادن جي تعليمي خدمتن ۽ معاشري جي تعمير ۽ ترقيءَ ۾ سندن اهم ڪردار کي پيتا پيش ڪئي وئي. تقريب ۾ مهمان خاص آل پرائيويٽ اسڪولز حيدرآباد ڊويزن جو ڊائريڪٽر نويد علي شاهه هو، جڏهن ته اسسٽنٽ صديق احمد ڪوريجو، ممتاز علي قمبراڻي ۽ ٻيا آفيسر پڻ موجود هئا. تقريب ۾ ڪراچيءَ مان ڪائونسل جي چيئرمين پرويز هارون، وائيس چيئرمين مغفور نجيب، جنرل سيڪريٽري ارشاد ميمڻ سميت ٻين عهديدارن شرڪت ڪئي، جڏهن ته حيدرآباد ڊويزن جو ڊويزنل صدر سعيد علي قريشي ۽ ٻيا عهديدار پڻ تقريب ۾ شريڪ ٿيا. تقريب ۾ شرڪت ڪندڙن ضلعي دادو ۾ منعقد ڪيل شاندار پروگرام جي بهترين انتظامن ۽ تعليم جي واڌاري لاءِ ڪيل ڪوششن کي ساراهيندي ضلعي صدر سيد مسعود علي شاهه ۽ سندس سموري ٽيم کي تقريب جي ڪاميابيءَ تي مبارڪباد پيش ڪئي.

بقايا عوامي سوچ 12

رفت کي گرفتار ڪري ورتو آهي. پوليس موجب گرفتار جوابدار وٽان واردات ۾ استعمال ٿيل ڪلاشنڪوف پڻ هٿ ڪئي وئي آهي، جڏهن ته جوابدار خلاف آرمز ايڪٽ تحت وڌيڪ ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. پوليس موجب ڊي آءِ جي حيدرآباد رينج طارق رزاق خان ڌاريجو ۽ ايس ايس پي سجاول محمد عثمان سدوزئي جي هدايتن تي، ايس ڊي پي او سجاول جميل عزيز ميمڻ جي نگرانيءَ ۾ ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي ڪئي وئي. واضح رهي ته ڪجهه عرصو اڳ بيلو-دڙو روڊ تي ٿيل واردات دوران جوابدارن جي فائرنگ ۾ معصوم نياڻي مرڪ ميمڻ مارجي وئي هئي. واقعي ڪانپوءِ پوليس جوابدارن جي گرفتاريءَ لاءِ ڪارروايون تيز ڪري ڇڏيون هيون. پوليس موجب قتل ڪيس ۾ چوٿين مک جوابدار جي گرفتاري ۽ واردات ۾ استعمال ٿيل هٿيار جي هٿ اچڻ کي اهم اڳڀرائي قرار ڏنو پيو وڃي، جڏهن ته گرفتار جوابدار کان وڌيڪ جاچ جاري آهي.

بقايا عوامي سوچ 13

لي: پان ڪئبن ايسوسيئيشن جي سڏ تي ٽائون آفيس کان پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي، مسئلو حل نه ٿيڻ تائين هڙتال جاري رکڻ جو اعلان چوهڙجمالي ۾ پان مٽيريل جي هٿرادو ڪوٽ ۽ بليڪ تي وڪرو ٿيڻ خلاف پان وڪرو ڪندڙ ڪئبن مالڪن ڪئبنون بند ڪري هڙتال ڪئي ۽ ٽائون آفيس کان احتجاجي ريلي ڪڍي پريس ڪلب اڳيان سخت احتجاج ڪيو. ان موقعي تي پان ڪئبن ايسوسيئيشن جي صدر عبدالغفور پٽي، نائب صدر قادر پٽي، عبدالعزيز چانڊيو، غفار آخوند ۽ ٻين چيو ته سوپاري مختلف ملڪن کان قانوني طريقي سان پورٽ قاسم پهچي ٿي، جتان ڪراچي جي پان منڊي ذريعي فراهم ڪئي وڃي ٿي، پر اندروني سنڌ ۾ پان ۾ استعمال ٿيندڙ سوپاري، رجسٽرڊ پتي، ڪاغذ ۽ ٻين ضروري شين جي فراهمي متاثر ٿيڻ سان هٿرادو اگهه وڌايا ويا آهن. هنن چيو ته گٽڪا مٽيريل خلاف ڪارروائين جي آڙ ۾ پان جي ڪاروبار ۾ استعمال ٿيندڙ ٻين شين جا اگهه به مبينا طور بليڪ ڪيا ويا آهن، جنهن سبب پان جو ڪاروبار تباهيءَ جي ڪناري تي پهچي ويو آهي ۽ غريب ڪئبن مالڪن لاءِ روزگار هلائڻ ڏکيو ٿي پيو آهي. هنن وڌيڪ چيو ته مٽيريل مهانگي اگهه تي ملڻ سبب ڪئبن مالڪ سخت معاشي پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن، جنهن ڪري مجبورن ڪئبنون بند ڪري هڙتال ڪئي آهي. مسئلو حل ٿيڻ تائين هڙتال جاري رهندي. پان ڪئبن ايسوسيئيشن جي اڳواڻن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي سجاول کان مطالبو ڪيو ته پان جي ڪاروبار ۾ استعمال ٿيندڙ قانوني شين جي فراهمي يقيني بڻائي وڃي، مبينا بليڪ مارڪيٽنگ جو نوٽيس وٺي مناسب اگهن تي مٽيريل جي دستيابي بحال ڪئي وڃي، جيئن سوين غريب ماڻهن جو روزگار بچي سگهي ۽ سندن ٻچا بک ۽ بدحالي کان محفوظ رهي سگهن

بقايا عوامي سوچ 14

ي تي ڌاڙا هڻي پاڻي چوري ڪرڻ سبب شاخن جي پوڇڙي تائين پاڻي نه پهچڻ خلاف پٽوڙو، پهوڙ ۽ چينجاڻي شاخن جي سوين آبادگارن پاران دادو جوهي روڊ چنڊڻ موري ۽ دلي گيٽ اڏو الڳ الڳ احتجاجي مظاهرا ڪري ڌرڻا هنيا ويا، مختلف شاخن جي آبادگارن وڏي تعداد ۾ گڏ ٿي سرائي اڪبر پنهور، جهنڊو لغاري، امام علي روستماڻي ، علي گوهرلنڊ ، حاجي گل حسن لنڊ ، محمد صالح پنهور، ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪندي دانهيو آهي ته جوهي برانچ ۽ ان مان نڪرندڙ شاخن پٽوڙو، پهوڙ ۽ چينجاڻي شاخن ۾ منڊ جا بااثر پيوتار ۽ سندن سهولتڪار ڏاڍ جي زور تي زبردستي پاڻي تي ڌاڙا هڻي رهيا آهن جنهن سبب شاخن جي پوڇڙي تائين پاڻي نٿو پهچي نتيجي ۾ آبادگارن جو پوکيل فصل تيزي سان سُڪي سڙي رهيو آهي، آبادگارن موجب آبپاشي کاتي جا عملدار پاڻي چوري ۾ ملوث آهن ايتري تائين جو جوهي برانچ کان نان بڙاج ايريا تائين آبادي ڪئي پئي وڃي، زرعي پاڻي جي ايتري ڪوٽ آهي جو وياج تي ورتل ٻج پاڻ هر ڪيڻ به ننڍن ڪاتيدارن جي کچي ۾ پئجي ويا آهن آبادي نه ٿي ته ڪافي آبادگار مجبورن ورتل وياج واپسي نٿيڻ ڪري اجتماعي خودڪشيون ڪندا منڊ تي سئو سيڪڙو آبادي آهي پڇڙي جي آبادگارن وٽ شاخن مان واري اڏامي رهي آهي آبادي ته ٺهيو پر هاڻ انسانن سان گڏ چوپايو مال ۽ پکي پرندا به اڃ مري رهيا آهن چونڊيل نمائندن جا سهولتڪار جوهي بڙاج تي جهتا ٽريڪٽرن ۽ غير قانوني پائپ ۽ لفٽ مشينن وسيلي سرعام پاڻي تي ڌاڙا هڻي رهيا آهن ڪوب تدارڪ ڪرڻ وارو ناهي هنن مطالبو ڪيو ته جوهي برانچ تي فوري رينجرس مقرر ڪري بڙاج مان نڪرندڙ شاخن ۾ هلندڙ غيرقانوني لفٽ مشينون بند ڪرائي ايمرجنسي بنيادن تي شاخن جي پوڇڙي تائين پاڻي پهچايو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 15

جي تلاءَ ۾ بيٺل پنن کي اوچتو باهه وڪوڙي وئي، جنهن سبب علائقي ۾ خوف ۽ پريشاني پکڙجي وئي. علائقي واسين جي اطلاع تي ريسڪيو 1122 جي ٽيم بروقت پهچي باهه تي ضابطو آڻي ورتو، جنهن سبب صورتحال کي وڌيڪ خراب ٿيڻ کان بچايو ويو. علائقي واسين جو چوڻ آهي ته گندي پاڻيءَ جي تلائن ۾ ڪافي عرصي کان گند ڪچرو، پن ۽ ٻيو فضلو گڏ ٿيڻ سبب مختلف مسئلا پيدا ٿي رهيا آهن. اهڙي صورتحال ۾ باهه لڳڻ جو واقعو پيش اچڻ کان پوءِ شهرين ۾ ڳڻتي وڌي وئي آهي. جيڪڏهن باهه پرپاسي جي گهرن تائين پکڙجي وڃي ها ته غريب ۽ پورهيت ماڻهن جو وڏو جاني ۽ مالي نقصان ٿي سگهي پيو. شهرين سوال اٿاريو آهي ته آخر گندي پاڻيءَ جي تلائن جي صفائي نه ٿيڻ سبب جيڪڏهن ڪنهن شهري جو جاني يا مالي نقصان ٿئي ٿو ته ان جو ذميوار ڪير هوندو؟ ڇا سکر انتظاميا، ميونسپل ڪارپوريشن جا لاڳاپيل عملدار، فوڪل پرسن ۽ چونڊيل بلدياتي نمائندا پنهنجي ذميوارين کان آجا آهن؟ شهرين جو چوڻ آهي ته عوام کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ صفائي سترائي برقرار رکڻ لاڳاپيل ادارن جي ذميواري آهي، پر ڪيترن ئي علائقن ۾ گندي پاڻيءَ جا تلاءُ ۽ گندگي جا ڍير شهرين لاءِ پريشاني جو سبب بڻيل آهن. علائقي واسين ميئر سکر ۽ لاڳاپيل بلدياتي ادارن کان مطالبو ڪيو آهي ته اسلام ڪالوني گوليمار پراڻي ناڪي، ٽانوري پاڙي سميت شهر جي ٻين متاثر علائقن ۾ گندي پاڻيءَ جي تلائن جي فوري صفائي ڪرائي وڃي، بيٺل گندي پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن ۽ مستقبل ۾ اهڙن واقعن کان بچڻ لاءِ مستقل انتظام ڪيا وڃن. شهرين جو چوڻ آهي ته غريب ماڻهو به هن شهر جا رهواسي آهن ۽ ڪين به صاف ماحول، محفوظ رهائش ۽ بنيادي سهولتون ملڻ گهرجن. انتظاميا کي گهرجي ته ڪنهن وڏي حادثي يا جاني نقصان جو انتظار ڪرڻ بدران وقت سر قدم کڻي عوام جي مسئلن کي حل ڪري، جيئن رهواسين جي جان ۽ مال کي محفوظ بڻائي سگهجي.

بقايا عوامي سوچ 16

نيو آهي ته پاڙي جي گهر مان ڪجهه ماڻهو سندس گهر جي ڇت ٽپي اندر داخل ٿيا، جن پهريان ڇت تي باهه لڳائي ۽ بعد ۾ سندس مڙس ۽ ڏير کي سخت تشدد جو نشانو بڻايو. متاثر عورت موجب تشدد جي نتيجي ۾ سندس مڙس جي ٽنگ ڀڄي وئي، جڏهن ته سندس ڏير سخت زخمي ٿيڻ سبب حيدرآباد جي سول اسپتال ۾ علاج هيٺ آهي. عورت اهو به الزام لڳايو ته واقعي دوران سندس ڪپڙا ڦاڙيا ويا. متاثر عورت جو چوڻ آهي ته واقعي بابت وومين ٿاڻي کي به اطلاع ڏنو ويو، پر سندس چوڻ موجب اڃا تائين ڪا قانوني ڪارروائي عمل ۾ نه آندي وئي آهي. متاثر عورت ڊي آءِ جي ميرپورخاص ۽ ايس ايس پي ميرپورخاص کان مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جو فوري نوٽيس وٺي، الزامن جي شفاف جاچ ڪرائي، مبينا طور ملوث ماڻهن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ متاثر خاندان کي انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 17

ڙاٻاري ۾ چيئرمين ٽائون ڪميٽي محمد رمضان پنهور جي ڪوشش سان ٽائون ڪميٽي آفيس ۾ قائم ڪيل ڪمپيوٽر سينٽر ذريعي پرپاسي جي ڳوٺن جي غريب ۽ مستحق شاگردن کي سي آءِ ٽي ڪورس ڪرايو ويو. 14 آگسٽ 2026ع تي 79 شاگردن ڪورس مڪمل ڪيو، جن کي سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا. جڏهن ته اڄ 26 آڪٽوبر تي وڌيڪ 26 شاگردن ۾ سرٽيفڪيٽ ورهايا ويا. ان موقعي تي چيئرمين ٽائون ڪميٽي گهوڙاٻاري محمد رمضان پنهور، اسسٽنٽ ڪمشنر گهوڙاٻاري سورٺ مظهر ابڙو ۽ وائيس چيئرمين ٽائون ڪميٽي گهوڙاٻاري ممتاز علي شورو، ٽي او ايجوڪيشن آصف ڪماڻ جي هٿان شاگردن ۾ سرٽيفڪيٽ ورهايا ويا. اهڙيءَ ريت هيئنر تائين مجموعي طور 105 شاگرد سي آءِ ٽي ڪورس مڪمل ڪري سرٽيفڪيٽ حاصل ڪري چڪا آهن. ڪمپيوٽر سينٽر جو مقصد غريب ۽ مستحق شاگردن کي جديد ڪمپيوٽر تعليم فراهم ڪري ڪين روزگار جا بهتر موقعا ڏيڻ آهي.

بقايا عوامي سوچ 18

جنهن جو اندازو ان ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته يونين ڪائونسل نمبر 3 پانسنگهه آباد جي چيئرمين خليل احمد شيخ کي پنهنجي علائقي مان ڪچرو ڪڍائڻ ۽ اسڪول پرسان قائم ڪچرا ڪنڊي منتقل ڪرائڻ لاءِ پنهنجي ئي ٽائون سيد خادم علي شاهه جي چيئرمين سيد شازل شاهه کي باقاعده لکت ۾ خط لکڻو پيو. 22 آڪٽوبر 2026ع تي لکيل خط ۾ علائقي مان ڪچرو ڪڍائڻ ۽ اسڪول پرسان قائم ڪچرا ڪنڊي منتقل ڪرڻ جي درخواست ڪئي وئي آهي. جنهن ڪانپوءِ بلدياتي انتظامن تي اهم سوال اڀري آيا آهن ته جيڪڏهن هڪ چونڊيل يوسي چيئرمين کي به ڪچرو ڪڍائڻ لاءِ پنهنجي ئي ٽائون چيئرمين کي لکت ۾ درخواست ڏيڻي پوي ٿي ته عام شهرين جي دانهن ڪير ٻڌندو؟ ڇا صفائي جهڙي بنيادي مسئلي جي حل لاءِ به هاڻي خطن جو سهارو وٺڻو پوندو؟ علائقي واسين جو چوڻ آهي ته ڪين دعوائن بدران عملي قدم گهرجن. هاڻي ڏسڻو اهو آهي ته ٽائون انتظاميا خط جو جواب ڏئي ٿي يا علائقي مان ڪچرو ڪڍائي شهرين کي عملي طور رليف فراهم ڪري ٿي.

بقايا عوامي سوچ 19

تحال، پاڻي جي غيرمنصفاڻي ورڇ ۽ آبپاشي نظام ۾ مبينا ڪرپشن خلاف فيلڊ مارشل کان هنگامي نوٽيس وٺڻ ۽ اعليٰ سطحي جاچ ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو آهي. 22 آڪٽوبر 2026ع تي لکيل خط ۾ مطالبو ڪيو ويو آهي ته نارا ڪينال تي قائم سمورين غيرقانوني پٽيون ۽ آئوٽ ليٽ ختم ڪيا وڃن، 1990ع کان هيل تائين آبپاشي جي سمورن منصوبن، نيڪن، نيڪالين جي صفائي ۽ ڪينال جي پڪو ڪرڻ وارن ڪمن جو آزاداڻي آڊٽ ڪرايو وڃي. جڏهن ته عالمي بينڪ ۽ ايشيائي ترقياتي بينڪ جي سهڪار سان مڪمل ڪرايل منصوبن ۾ مبينا بي ضابطگين جي به جاچ ڪرائي وڃي. خط ۾ سنڌ ايريگيشن اينڊ ڊرينيج اٿارٽي (سِيڊا) جي مقررين ۽ آبپاشي عملدارن جي اثاثن ۾ شفافيت يقيني بڻائڻ سان گڏ آبادگارن کي پاڻي جي منصفاڻي فراهمي يقيني بڻائڻ جو مطالبو پڻ ڪيو ويو آهي. جاويد علي جوٽيجو چيو آهي ته نارا ڪينال قومي اثاثو آهي، جنهن کي ڪجهه بااثر ماڻهن جي مفادن ۽ مراعتن جو ذريعو نه بڻايو وڃي. جڏهن ته ننڍن آبادگارن جي حقن جو تحفظ رياست جي ذميواري آهي

بقايا عوامي سوچ 20

ٽ 3271 جي سهڪار سان فوجي فائونڊيشن اسڪول اينڊ ڪاليج ميرپورخاص ۾ پوليو جي خاتمي ۽ ويڪسينيشن جي اهميت بابت آگاهي پروگرام منعقد ڪيو ويو. پروگرام دوران شاگردن ۽ استادن کي پوليو جي خطرن، ٻارن کي عمر مطابق ويڪسينيشن ڪرائڻ، پوليو جا ڦڙا پيارڻ ۽ هن موذي مرض جي مڪمل خاتمي لاءِ گڏيل ڪوشش جي اهميت بابت آگاهي ڏني وئي. ان موقعي تي ٻارن انساني زنجير ٺاهي ۽ مختلف سرگرمين ۾ حصو وٺي پوليو جي خاتمي لاءِ پنهنجي عزم جو اظهار ڪيو. روٽري انٽرنيشنل جي عالمي مهم "پوليو هاٽي ختم ڪريو" تحت روٽري ڪلب ميرپورخاص سينٽرل جي صدر ولي محمد لاشاري، ضلعي پوليو چيئرمين محمد رفيق لغاري ۽ اسڪول جي پرنسپال سيد آصف رضا شاهه پوليو جي خاتمي، عوامي شعور کي هٿي وٺرائڻ ۽ ٻارن لاءِ محفوظ ۽ صحتمند مستقبل کي يقيني بڻائڻ لاءِ ڪوششون جاري رکڻ جو عزم ورجايو. پروگرام ۾ روٽري ڪلب ميرپورخاص سينٽرل جي ميمبرن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، جن ۾ ڪلب سيڪريٽري شاهد الرحمان، ڊاڪٽر طارق پروين، محمد اقبال، شهزادو ملڪ، علي حسن نون، ڊاڪٽر عبدالواحد خاصخيلي، عبدالحفيظ خاصخيلي، ڊاڪٽر سيتا، عبيد، سليم ڊومينڪ، افتخار احمد چوڌري، ڊاڪٽر نور محمد مري ۽ ڊاڪٽر انيل شامل هئا، جڏهن ته صحت کاتي جي ويڪسينيٽرن پڻ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا عوامي سوچ 21

الدين ملڪ ۽ ٻي ڌر جي وڏيري علي مراد ملڪ وچ ۾ ڳالهين تان پيدا ٿيل تڪرار جو نبيرو صلح سردار لهڙي خان جي سربراهي ۾ ڪيو ويو، جنهن ۾ رئيس وزير علي ملڪ اهم ڪردار ادا ڪندي ٻنهي ڌرين جا موقف ٻڌا، تفصيل موجب ٻنهي ڌرين وچ ۾ هلندڙ تڪرار کي ختم ڪرڻ لاءِ شاهه فيصل ملڪ هائوس تي گڏجاڻي ڪوٺائي وئي، جتي صلح سردار لهڙي خان جي سربراهي ۾ رئيس وزير علي ملڪ جهيڙي دوران زخمي ٿيل ماڻهن جي صورتحال کي نظر ۾ رکندي، ٻنهي ڌرين ۽ معاملي ۾ شريڪ سمورن ماڻهن جون ڳالهيون غور سان ٻڌيون. ڳالهين ۽ صلاح مشورن ڪانپوءِ ٻنهي ڌرين وچ ۾ ٺاهه ڪرائي ڪين هڪ ٻئي سان ڀاڪر پارائي، تاهه ڏدعا پڻ ڪرائي وئي.ان موقعي تي ٻنهي ڌرين تڪرار ختم ڪري پائيچاري ۽ امن سان رهڻ جي عزم جو اظهار ڪيو.گڏجاڻي ۾ رئيس عالم خان ملڪ يونين ڪائونسل جي چيئرمين عبدالمجيد ميراڻي، محمد رمضان ملڪ ۽ بچل شاهه جي ٻين برادرين جي چڱن مڙسن پڻ شرڪت ڪئي، علائقي جي معززن جي ڪوشش سان ٿيل هن ٺاهه کي برادري ۾ امن، اتحاد ۽ پائيچاري جي حوالي سان اهم قدم قرار ڏنو ويو.

بقايا عوامي سوچ 22

لڪار محبوب لاشاري ۽ سندس گهرواري ماروي دانهيو آهي ته مامو شاهنواز لاشاري اسانجي گهر ۾ گهڙي عورت ماروي ۽ سندس معصوم پُٽ عُبيد کي تشدد جو نشانو بڻايو آهي، سندن چوڻ آهي ته گهرو ڳالهين تان مامو اڳ به بيواجبيون ڪندو رهيو آهي ، هنن مطالبو ڪيو ته مامي خلاف ڪارروائي ڪري انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 23

ڻ تي ميرپورخاص پريس ڪلب پاران آجياڻي واري تقريب منعقد ڪئي وئي، جتي سندس دهلن، شرنائين ۽ گلن سان آجيان ڪئي وئي، جڏهن ته پريس ڪلب ۾ ٿيل تقريب دوران ڪيس اجرڪن ۽ لنگين جا تحفا پڻ پيش ڪيا ويا. تقريب ۾ ميرپورخاص پريس ڪلب جي صدر نذير پنهور، سينيئر صحافي سليم آزاد، شاهد خاصخيلي، شوڪت پنهور، اظهر ڪريم جيلاڻي، واحد حسين پهلواني، عاطف بلوچ، علي جان پٽي، فهد سلطان چانڊيو، بلال محمود سميت پريس ڪلب جي ٻين عهديدارن ۽ ميمبرن شرڪت ڪئي. شرڪت ڪندڙن محمد سليمان کي قومي ٽيسٽ اسڪواڊ ۾ جاءِ ملڻ تي مبارڪون ڏيندي نيڪ تمنائن جو اظهار ڪيو. ان موقعي تي پريس ڪلب جي صدر نذير پنهور خطاب ڪندي چيو ته محمد سليمان جو پاڪستان ڪرڪيٽ ٽيم جي ٽيسٽ اسڪواڊ ۾ چونڊجڻ ميرپورخاص لاءِ وڏو اعزاز آهي، ڊويزن سان تعلق رکندڙ رانديگر جو قومي ٽيسٽ اسڪواڊ تائين پهچڻ نوجوانن لاءِ حوصلي جو سبب آهي ۽ سندس ڪاميابي سان علائقي جي ٻين باصلاحيت رانديگرن کي به اڳتي وڌڻ جو اتساهه ملندو. هن اميد ظاهر ڪئي ته محمد سليمان کي پاڪستان جي حتمي يارنهن رکني ٽيم ۾ کيڏڻ جو موقعو ملندو، جتي هو پنهنجي صلاحيتن جو ڀرپور مظاهرو ڪري سينچري اسڪور ڪندو ۽ پاڪستان سميت ميرپورخاص جو نالو دنيا ۾ روشن ڪندو. پريس ڪلب جي صدر محمد سليمان کي ميرپورخاص پريس ڪلب جو اعزازي ميمبر بڻائڻ جو پڻ اعلان ڪيو. تقريب کي خطاب ڪندي سينيئر صحافي واحد حسين پهلواني چيو ته محمد سليمان جي قومي ٽيم جي اسڪواڊ تائين پهچڻ سالن جي محنت، جوش ۽ مستقل مزاجيءَ جو نتيجو آهي. هن اٽڪل ڏهه سال اڳ ڪرڪيٽ جي شروعات ڪئي ۽ ان عرصي دوران مختلف مشڪلاتن کي منهن ڏيندي پنهنجي ڪارڪردگي بهتر بڻائڻ لاءِ لڳاتار محنت ڪئي. هن چيو ته سليمان پنهنجي صلاحيتن ۽ محنت سان هميشه متاثر ڪيو آهي. تقريب کي علي جان پٽي، فهد سلطان چانڊيو، بلال محمود ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته محمد سليمان جي جدوجهد ۽ مستقل مزاجي سيني لاءِ مثال آهي، نوجوانن کي گهرجي ته هو هر شعبي ۾ محنت ۽ لڳاتار ڪوشش سان اڳتي وڌن. مقررين چيو ته محمد سليمان اڳ ۾ ميرپورخاص جو نالو روشن ڪيو آهي ۽ هاڻي اميد آهي ته هو پاڪستان جو نالو به سڄي دنيا ۾ روشن

بقايا عوامي سوچ 24

سروس گاڏين جي چيڪنگ ڪئي پئي وڃي اها مهم سيڪريٽري ٽرانسپورٽ اينڊ ماس ٽرانزٽ ڊپارٽمينٽ ڪراچي ڪمشنر سکر ۽ ڊپٽي ڪمشنر سکر جي هدايتن تي جاري آهي جنهن تحت مسافر گاڏين جي فٽنيس ۽ حفاظتي انتظامن جو جائزو وٺڻ سان گڏ ٽرانسپورٽ جي ضابطن تي عملدرآمد کي يقيني بڻائڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن چيڪنگ دوران گاڏين ۾ فائر سيفٽي جي انتظامن،روٽ پرمٽ،فٽنيس سرٽيفڪيٽ ۽ ايل پي جي سلينڊرن جي موجودگي ۽ استعمال جو جائزو ورتو پيو وڃي جڏهن ته مسافرن کان وصول ٿيندڙ ڪراين جي پڻ جاچ ڪئي پئي وڃي ته جيئن مقرر ڪراين تي عمل ڪرائي سگهجي ۽ مسافرن کان وڌيڪ ڀاڙو وصول ڪرڻ جي روڪٿام ٿي سگهي ٽرانسپورٽ اٿارٽي جي اختيارين پاران چيڪنگ دوران قانون ۽ مقرر ڪيل ضابطن جي ڀڃڪڙي ڪندڙ گاڏين خلاف ڪارروائي ڪندي ڏنڊ لاڳو ڪيا ويا اختيارين جو چوڻ آهي ته پبلڪ ٽرانسپورٽ ۾ حفاظتي انتظامن جي پابندي ۽ ضروري دستاويزن جي موجودگي انتهائي اهم آهي ڇاڪاڻ ته انهن قدمن سان مسافرن جي جان ۽ مال جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ ۾ مدد ملي ٿي ان موقعي تي سيڪريٽري ڊسٽرڪٽ ريجنل ٽرانسپورٽ اٿارٽي سکر فياض احمد منگي چيو ته مسافرن جي حفاظت،مقرر ڪراين تي عملدرآمد ۽ بهتر سفري سهولتن جي فراهمي کي يقيني بڻائڻ لاءِ پبلڪ سروس گاڏين جي چيڪنگ جو عمل جاري رکيو ويندو هن واضح ڪيو ته قانون ۽ ضابطن جي ڀڃڪڙي ڪندڙ گاڏين خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي ويندي ۽ ڪنهن کي به مقرر ڪيل ضابطن جي ڀڃڪڙي جي اجازت نه ڏني ويندي هن وڌيڪ چيو ته ٽرانسپورٽ جي شعبي ۾ نظم ۽ ضبط برقرار رکڻ،گاڏين جي فٽنيس کي يقيني بڻائڻ ۽ مسافرن کي محفوظ سفري سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ لاڳاپيل اختيارين جي هدايتن تي عمل جاري رهندو روهڙي ۽ سکر جي وچ ۾ هلندڙ پبلڪ سروس گاڏين جي چيڪنگ واري هن عمل کي مسافرن جي تحفظ ۽ ٽرانسپورٽ جي قانونن تي عملدرآمد جي حوالي سان اهم قدم قرار ڏنو پيو وڃي اختيارين موجب چيڪنگ مهم جو سلسلو جاري رهندو ته جيئن گاڏين جي مالڪن ۽ ڊرائيورن کي قانوني ذميوارين جو پابند بڻائي سگهجي ۽ مسافرن کي محفوظ ۽ مناسب ڪراين تي سفرجون سهولتون فراهم ڪري سگهجن

بقايا عوامي سوچ 25

واري معاملي تان مبينا جهيڙي دوران ڪجهه ماڻهن گهر ۾ داخل ٿي جهوپڙي تي پيٽرول هاري باهه ڏئي ڇڏي، جڏهن ته ٻن ڀائرن حسن قريشي ۽ ناصر قريشي کي سخت تشدد جو نشانو بڻايو ويو. تشدد سبب ٻئي ڀائر سخت زخمي ٿي پيا، جن مان هڪ زخمي نوجوان کي ميرپورخاص سول اسپتال مان وڌيڪ علاج لاءِ ڪراچي منتقل ڪيو ويو.

بقايا عوامي سوچ 26

ن سخت شڪايتون ڪندي نيشنل پريس ڪلب جي صحافين آڏو پنهنجا مسئلا بيان ڪيا. اسڪول جي چيئرمين محمد سومرو ۽ ٻين ڳوٺاڻن الزام هنيو ته اسڪول ۾ مقرر استاد شادي خان سومرو ٻارڙن کي صحيح نموني تعليم نٿو ڏئي ۽ مٿن تشدد پڻ ڪري ٿو. ڳوٺاڻن موجب، جڏهن ٻارڙا استاد کان انگريزيءَ جا اکر ABC پڙهائڻ جي گهر ڪن ٿا ته ڪين مبينا طور ڏيڄاريو وڃي ٿو ته ABC پڙهڻ سان انگريز ڪين ڪٽي ويندا. ڳوٺاڻن اسڪول جي بجيٽ بابت به سوال اٿاڻن اعليٰ اختيارين ۽ تعليم کاتي جي عملدارن کان مطالبو ڪيو آهي ته معاملي جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي، استاد شادي خان سومرو کي بدلي ڪري اسڪول ۾ نئون استاد مقرر ڪيو وڃي، جيئن سندن ٻار بهتر تعليم حاصل ڪري سگهن ۽ پنهنجي مستقبل کي روشن بڻائي سگهن. ڳوٺاڻن اپيل ڪئي آهي ته تعليم کاتو معاملي جو فوري نوٽيس وٺي، اسڪول ۾ تعليمي ماحول بهتر بڻائي ۽ ٻارڙن جي تعليم ۽ تحفظ کي يقيني بڻائي

بقايا عوامي سوچ 27

قائم سم نالي جي موري ٽٽڻ جي خطري هيٺ اچي وئي آهي. جنهن سبب علائقي جا رهواسي سخت پريشانيءَ جو شڪار آهن. هيءَ سم موري ڀهدمي کان ڪڍڻ ۽ بدين ڏانهن ويندڙ ماڻهن لاءِ اهم گذرگاهه آهي، جتان بخشو ديرو، لاڪو پير، روپا ماڙي، پڳڙا ميمڻ ۽ سيراڻي سميت ڪيترن ئي ڳوٺن جا رهواسي روزانو اچ وڃ ڪن ٿا. علائقي واسين جو چوڻ آهي ته هن رستي تان روزانو سوين شاگرد، مريض ۽ عام شهري سفر ڪن ٿا. جڏهن ته سم موري جي خراب حالت سبب ڪنهن به وقت وڏو حادثو پيش اچڻ جو خدشو آهي. علائقي واسين لاڳاپيل انتظاميا ۽ وس وارن اختيارين کي اپيل ڪئي آهي ته صورتحال جو فوري نوٽيس وٺي سم موري جي هنگامي بنيادن تي مرمت ڪرائي وڃي، جيئن ماڻهن جي اچ وڃ محفوظ بڻائي سگهجي ۽ ڪنهن به امڪاني حادثي کان بچي سگهجي

بقايا عوامي سوچ 28

ه ڪالوني جي رهواسين پاران بنيادي سهولتون نه ملڻ ۽ مبينا ڌمڪين خلاف گذريل ڏينهن شاهه حسين شاهه،علي حيدر شاهه،شاهه مراد شاهه،شهناز شاهه ۽ فوزيا شاهه جي اڳواڻي ۾ روهڙي پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهرين دانهيو ته هنن 7 سال اڳ پٽا برادري جي ماڻهن کان پلاٽ خريد ڪيا هئا جن پاران علائقي ۾ نيڪال جو نظام،پارڪ،مسجد ۽ ٻيون بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ جا واعدا ڪيا ويا هئا پر اڄ تائين اهي سهولتون فراهم نه ڪيون ويون آهن مظاهرين الزام هنيو ته سهولتون گهرڻ تي ڪين مبينا طور ڌمڪيون ڏنيون وڃن ٿيون متاثر ڌر ڊي آءِ جي سکر، ايس ايس پي سکر ۽ چونڊيل نمائندن کان مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جو نوٽيس وٺي ڪين انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 29

جي وڪري جون شڪايتون سامهون آيون آهن. ٻئي طرف غريب آباد ٿاڻي جي حد ۾ پاڪ ڪالوني ۽ محمدي ڪوارٽرز جي ڪمپائونڊ وال واري علائقي ۾ منشيات جي مبينا وڪري جو سلسلو جاري هجڻ جا الزام لڳايا ويا آهن. شڪايتن موجب عورتن ۽ ٻارن ذريعي گهر گهر منشيات پهچائڻ ۽ وڪرو ڪرڻ جون پڻ ڳالهيون سامهون آيون آهن. شهرين مطالبو ڪيو آهي ته لاڳاپيل پوليس اختيارين پاران الزامن جو فوري نوٽيس وٺي شفاف جاچ ڪرائي وڃي ۽ منشيات جي وڪري ۾ ملوث ماڻهن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪري نوجوان نسل کي تباهيءَ کان بچايو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 30

ڊاڪٽرن سندس فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي. واقعي ڪانپوءِ وارثن پاران سول اسپتال جي ڊاڪٽرن تي چٽي تنقيد ڪئي وئي. وارثن جو چوڻ هو ته ڊاڪٽر چندر مالهي کي دل جو دورو پيو هو. جڏهن ته اسپتال پهچڻ بعد وارثن پاران ڊاڪٽرن کي اليڪٽرڪ شارٽ هڻڻ جو پڻ چيو ويو ته ائين ڪرڻ سان هوش ۾ اچي ويندو. جنهن تي ڊاڪٽرن ان ڳالهه کي رد ڪري ڇڏيو.جنهن تي فوتي جي وارثن ۽ ڊاڪٽر عملي ۾ دير تائين جهيڙو هلندو رهيو ٻئي طرف ذريعن موجب ڊاڪٽر چندر مالهي جي گهر اندر ڦاهو کائڻ سبب فوت ٿيڻ جي ڳالهه سامهون آئي آهي. واقعي جا اصل سبب معلوم ڪرڻ بابت وڌيڪ تفصيل سامهون نه اچي سگهيا آهن.

نمائندا گهرجن

هر خبر تي نظر
روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي سنڌ جي ننڍن
وڏن شهرن مان رپورٽر گهرجن صحافت سان
دلچسپي رکندڙ اداري سان رابطو ڪن.
رابطي لاءِ:
03072308754_03003924502

جوکيا برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ زمين جي ڏنگ تان هلندڙ پراڻي تڪرار جي نبيري لاءِ جنگشاهي جي معزز امينن پاران زمين جو جائزو ورتو ويو

ديهه ڪوهستان ست ياڱي چار جي مڪان مزارتل واري علائقي ۾ زمين جي تڪرار جي نبيري لاءِ اڳوڻي ناظم بشير احمد جوکيو ۽ ٻيا پهتا

ان موقعي تي امينن ٻنهي ڌرين، پهرين ڌر جي عبدالعزيز جوکيو ۽ ٻي ڌر جي اسماعيل جوکيو جا موقف ٻڌا ۽ زمين جي ڏنگ جو معائنو ڪيو

امينن پاران ٻنهي ڌرين جون ڳالهيون ٻڌڻ ۽ زمين جو جائزو وٺڻ کانپوءِ تڪرار بابت حتمي فيصلو ڪرڻ لاءِ ٻي تاريخ مقرر ڪئي ويندي

جنگشاهي (رپورٽر): جنگشاهي ڪوهستان جي علائقي ست ياڱي چار ۾ جوکيا برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ زمين جي ڏنگ تان هلندڙ پراڻي تڪرار جي نبيري لاءِ جنگشاهي جي معزز امينن پاران زمين جو جائزو ورتو ويو. تفصيل موجب ديهه ڪوهه/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

صوبائي محتسب اعليٰ سنڌ جو ريجنل ڊائريڪٽر 28 آڪٽوبر تي ڊسٽرڪٽ ڪائونسل آفيس ميرپورخاص ۾ کليل ڪچهري ڪندو

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) صوبائي محتسب اعليٰ سنڌ جي ريجنل ڊائريڪٽر ميرپورخاص/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

ڪشمير جي ڪاري ڏينهن تي ميرپورخاص ۾ ريلي ڪڍي ويندي

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) ڪشمير جي ڪاري ڏينهن جي موقعي تي ڪشمير/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

ٺٽو: ينگ ڊاڪٽرز ايسوسيئيشن سنڌ جي مرڪزي قيادت جي مان ۾ تقريب، ضلعي ٺٽي جي نئين باڊي جو اعلان

جنهن ۾ سنڌ جي مختلف ڊويزنن ۽ طبي ادارن سان تعلق رکندڙ ڊاڪٽرن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

نوجوان ڊاڪٽرن جي فلاح ۽ طبي ادارن ۾ بهترين ڪم ڪندڙ ماحول جي فراهمي لاءِ گڏيل جدوجهد جي اهميت تي زور ڏنو

مرڪزي قيادت ضلعي ٺٽي جي نئين باڊي کي مبارڪباد ڏيندي اميد ظاهر ڪئي ته نئين قيادت ڊاڪٽرن جي نمائندگي ڪندي

گهوڙاٻاري (رپورٽ شاهه خالد ڏاتاري): ينگ ڊاڪٽرز ايسوسيئيشن (YDA)سنڌ جي مرڪزي قيادت جي مان ۾ هڪ پروقار تقريب وي ڪيئر گيسٽ هائوس مڪلي، ٺٽي ۾ منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ سنڌ جي مختلف ڊويزنن ۽ طبي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

سامونڊي پٽي ۾ تعمير ٿيندڙ ڪوسٽل هاءِ وي جي موجوده رٿابندي تي خدشا ظاهر

ڪوسٽل هاءِ وي روڊ کي اصل منظور ٿيل نقشي مطابق تعمير ڪيو وڃي: احمد جت

تاريخي ماڳن، قديم درگاهن، قبرستانن ۽ هزارين ايڪڙ زمين کي امڪاني نقصان کان بچائي سگهجي

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) سامونڊي پٽي جي شهر ٻهارا لڳ درگاهه چٽن شاهه جي گادي نشين عباس شاهه، درگاهه رُڪن شاهه مشائخ جي گادي نشين اح/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

ٺٽي جي هيڊ ڪوارٽر مڪلي تي قائم ٿيل ٽريزري آفيس ٺٽي جي آفيسرن توڙي عملي پاران سرڪاري ملازمن جو احتجاج

حاضر سروس ملازمن جي جائز ڪم ۽ ٽريزري آفيس جي عملي پاران رشوت جي بازار گرم ڪندي پئسن ڪانسواءِ ڪو به جائز ڪم مفت ۾ ڪرڻ نه لڳي

جائز ڪم جلد اڪلائي ملازمن کي وڌيڪ پريشاني کان بچائي رشور خور عملي خلاف سخت ڪاروائي جي گهر ڪري ڇڏي

سرڪاري ملازمن، رٽائرڊ ملازمن، پينشنرن، بيواهن ۽ يتيمن سان ناروا سلوڪ ۽ غير مناسب رويو ۽ بدعوانين جون شڪايتون عام آهن

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) ٺٽي جي هيڊ ڪوارٽر مڪلي تي قائم ٿيل ٽريزري آفيس ٺٽي جي آفيسرن توڙي عملي پاران سرڪاري ملازمن، پينشنرن، بيواهن، يتيمن توڙي مختلف ڪاتن جي رٽائرڊ توڙي حاضر سروس ملازمن جي جائز ڪم ۽ ٽريزري افي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

ڪينجهر ڍنڍ ۾ پاڻيءَ جي چاڙهه سبب ملاحن جا ڪيترائي ڳوٺ پاڻيءَ جي گهيري ۾، اچ وڃ جا رستا بند

ڪينجهر ڍنڍ ۾ پاڻيءَ جي سطح ۾ واڌ سبب ڪناري تي قائم ملاحن جا ڪيترائي ڳوٺ پاڻيءَ جي گهيري ۾ اچي ويا آهن

ڳوٺاڻن جي اچ وڃ جا رستا پڻ بند ٿي ويا آهن. متاثر ڳوٺاڻن آبپاشي کاتي جي مبينا لاپرواهي تي ڳڻتي ظاهر

ڪينجهر دوست فلاحي ترقياتي تنظيم جي صدر محمد موسيٰ ميربحر ايوانِ صحافت پريس ڪلب ٺٽي ۾ پريس ڪانفرنس

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) ڪينجهر ڍنڍ ۾ پاڻيءَ جي چاڙهه سبب ملاحن جا ڪيترائي ڳوٺ پاڻيءَ جي گهيري ۾، اچ وڃ جا رستا بند ڪينجهر ڍنڍ ۾ پاڻيءَ جي سطح ۾ واڌ سبب ڪناري تي قائم ملاحن جا ڪيترائي ڳوٺ پاڻيءَ جي گهيري ۾ اچي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

ٺٽو پوليس جون ڪامياب ڪارروايون 4 بدنام منشيات فروشن ۽ گٽڪي وڪرو ڪندڙ 2 ڄڻن سميت 6 جوابدار گرفتار

4460 گرام چرس، 30 گرام ڪرسٽل آئس، گٽڪا ماوا جون 250 پڙيون ۽ 1 موٽرسائيڪل هٿ، ڪيس داخل

ايس ايڇ او ٿاڻو گهارو سب انسپيڪٽر فدا خاصخيلي پنهنجي عملي سميت ٿاڻي گهارو جي حد ۾ پراڻي پل پرسان ڪامياب ڪارروائي

منشيات جي ڪاروبار ۾ ملوث ٻن جوابدارن ڪرامت حسين ولد عبدالڪريم جويو ۽ عبدالمجيد ولد وريام عرف ورو حيدري فقير کي 4460 گرام چرس سميت گرفتار ڪري ورتو

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو)ٺٽو پوليس جون ڪامياب ڪارروايون 4 بدنام منشيات فروشن ۽ گٽڪي وڪرو ڪندڙ 2 ڄڻن سميت 6 جوابدار گرفتار 4460 گرام چرس، 30 گرام ڪرسٽل آئس، گٽڪا ماوا جون 250 پڙيون ۽ 1 موٽرس/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

17 ڪوهستاني ڳوٺن جي پاڻي واري واٽر سپلاءِ اسڪيم ناڪاره هجڻ ڪري ڪوهستان واسي هن ڏڪاريل ڏيهه جا ماڻهون پيئڻ جهڙي پاڻي کان محروم بڻيل

گذريل 2 راتيون اڳ نامعلوم چور پاڻي واري اسڪيم جا لوهي پائيپ به چوري ڪري ويا آهن

جنهن ٿيل چوري جي اطلاع تي يوسي جهمپير جي چيئرمين حاجي فيض بروهي صحافين جي ٽيم سان گڏ ناڪاره بڻيل

يوسي جهمپير جي چيئرمين حاجي فيض بروهي ناڪاره بڻيل واٽر سپلاءِ کي فورن بحال ڪري واٽر سپلاءِ اسڪيم تي 2 چوڪيدار مقرر ڪرڻ جو مطالبو

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) جهمپير لڳ درگاهه امير پير پرسان ڪينجهر ڍنڍ مان 17 ڪوهستاني ڳوٺن جي پاڻي واري واٽر سپلاءِ اسڪيم ناڪاره هجڻ ڪري ڪوهستان واسي هن ڏڪاريل ڏيهه جا ماڻهون پيئڻ جهڙي پاڻي کان محروم بڻيل آهن. جڏهن/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

ٺٽي ۾ مڪلي ڪاليج سائيڊ جي ننڍن ملازمن جو پروموشن ۾ مبينا ناانصافين خلاف احتجاج، شفاف جاچ جو مطالبو

گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج ٺٽو ۾ ڪاليج سائيڊ جي ننڍن ملازمن کي گريڊ 01 کان 04 تائين ٿيندڙ پروموشنن ۾ مبينا ناانصافين خلاف ملازمن پاران سخت احتجاج

سينارٽي لسٽ کي نظرانداز ڪري من پسند ماڻهن جي پروموشن ڏنا ويا آهن، جنهن سبب حقدار ملازمن سان ناانصافي ٿي رهي آهي

غلام الله(رپورٽ بابو جان هنگورجو) ٺٽي ۾ مڪلي ڪاليج سائيڊ جي ننڍن ملازمن جو پروموشن ۾ مبينا ناانصافين خلاف احتجاج. شفاف جاچ جو مطالبو گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج ٺٽو ۾ ڪاليج سائيڊ جي ننڍن ملازمن کي گريڊ 01 کان 04 تائين ٿيندڙ پروموشنن ۾ مبينا ناانصافين خلاف ملازمن پاران سخت احتجاج ڪيو ويو. احتجاج ڪندڙ ملازمن جو چوڻ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمب10

دادو: استادن جي مان ۾ پروقار تقريب، 300 استادن ۾ اعزازي شيلڊون ورهايون ويون

جنهن ۾ تقريبن 300 ميل فيميل استادن کي اعزازي شيلڊون پيش ڪري سندن تعليمي خدمتن جو اعتراف ڪيو ويو

تقريب دوران مختلف اسڪولن جي شاگردن ۽ شاگردياڻين قومي گيتن تي خوبصورت ٽيبلوز پيش ڪيا

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) سنڌ پرائيويٽ انسٽيٽيوشنز ڪائونسل ضلعي دادو جي اهتمام هيٺ لائبريري هال دادو ۾ ضلعي صدر سيد مسعود علي شاهه جي اڳواڻيءَ ۾ استادن جي مان ۾ هڪ پروقار تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ تقريبن /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

شاهه فيصل ڪالوني ملڪ هائوس ۾ ملڪ برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ هلندڙ تڪرار جو صلح

وڏيري علي مراد ملڪ وچ ۾ ڳالهين تان پيدا ٿيل تڪرار جو نبيرو صلح سردار لهڙي خان جي سربراهي ۾ ڪيو ويو

جنهن ۾ رئيس وزير علي ملڪ اهم ڪردار ادا ڪندي ٻنهي ڌرين جا موقف ٻڌا

سکر (بيورو رپورٽ) سکر جي بچل شاهه مياڻي واري علائقي جي شاهه فيصل ڪالوني ملڪ هائوس تي ملڪ برادري جي ٻن ڌرين، وڏيري شرف/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

روٽري ڪلب ميرپورخاص سينٽرل پاران عالمي پوليو ڏينهن جي حوالي سان آگاهي پروگرام منعقد

پوليو جا قطرا پيارڻ ۽ هن موذي مرض جي مڪمل خاتمي لاءِ گڏيل ڪوششن جي اهميت بابت آگاهي ڏني وئي

ٻارن انساني زنجير ٺاهي ۽ مختلف سرگرمين ۾ حصو وٺي پوليو جي خاتمي لاءِ پنهنجي عزم جو اظهار ڪيو

ميرپورخاص (بيورو چيف سومار سميجو) عالمي پوليو ڏينهن جي سلسلي ۾ روٽري ڪلب آف ميرپورخاص سينٽرل پاران روٽري انٽرنيشنل ڊسٽرڪ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

نارا ڪينال جي تباهي خلاف آبادگارن جو آواز، فيلڊ مارشل کان نوٽيس وٺي اعليٰ سطحي جاچ ڪرائڻ جو مطالبو

جنهن کي ڪجهه بااثر ماڻهن جي مفادن ۽ مراعتن جو ذريعو نه بڻايو وڃي

ننڍن آبادگارن جي حقن جو تحفظ رياست جي ذميواري آهي

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) فارمرز آرگنائيزيشن ڪائونسل سنڌ جي چيئرمين جاويد علي جوڻيجو نارا ڪينال جي بگڙيل صورر/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

ميرپورخاص ۾ بلدياتي نظام جي ڪارڪردگي تي سواليا نشان

ڪچرو کڻائڻ لاءِ يوسي چيئرمين کي پنهنجي ئي ٽائون چيئرمين کي خط لکڻو پيو

ميرپورخاص (بيورو رپورٽ) ميرپورخاص شهر ۾ صفائي سترائي جي ناقص صورتحال ۽ بلدياتي نظام جي ڪارڪردگي تي سواليا نشان لڳي ويا آهن. /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

گهوڙاٻاري: ڪمپيوٽر سينٽر مان 105 شاگرد سي آءِ ٽي ڪورس مڪمل ڪري ويا، سرٽيفڪيٽ ورهايا ويا

ڪمپيوٽر سينٽر ذريعي پرياسي جي ڳوٺن جي غريب ۽ مستحق شاگردن کي سي آءِ ٽي ڪورس ڪرايو ويو

14 آگسٽ 2026 ع تي 79 شاگردن ڪورس مڪمل ڪيو، جن کي سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) گهوڙاٻاري: ڪمپيوٽر سينٽر مان 105 شاگرد سي آءِ ٽي ڪورس مڪمل ڪري ويا. سرٽيفڪيٽ ورهايا وياگهو/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

ميرپورخاص ٽامس آباد ۾ مبينا تشدد ۽ گهر کي باهه ڏيڻ جو الزام

متاثر عورت شاهين جو وومين ٿاڻي آڏو احتجاج، انصاف لاءِ مطالبو

مبينا طور ملوث ماڻهن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ متاثر خاندان کي انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) ميرپورخاص جي ٽامس آباد علائقي جي رهواسڻ عورت شاهين وومين ٿاڻي آڏو احتجاج ڪندي الزام ه/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

ٽانوري پاڙي ۾ اقبال ملڪ جي گهر پرسان گندي پاڻيءَ جي تلاءَ ۾ بيٺل ٻن کي اوچتو باهه وڪوڙي وئي

جنهن سبب علائقي ۾ خوف ۽ پريشاني پکڙجي وئي

علائقي واسين جي اطلاع تي ريسڪيو 1122 جي ٽيم بروقت پهچي باهه تي ضابطو آڻي ورتو

سکر (بيورو چيف محمد قاسم ملڪ) سکر جي علائقي اسلام ڪالوني گوليمار پراڻي ناڪي، ٽانوري پاڙي ۾ اقبال ملڪ جي گهر پرسان گندي پاڻيءَ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

جوهي تعلقي اندر زرعي پاڻي جي هٽرادو ڪوٽ خلاف احتجاج

آبادگارن پاران دادو جوهي روڊ چنڊڻ موري ۽ دلي گيٽ آڏو الڳ الڳ احتجاجي مظاهرا ڪري ڌرڻا هنيا ويا

چينجاڻي شاخن ۾ منڍ جا بااثر پوتار ۽ سندن سهولتڪار ڏاڍ جي زور تي زبردستي پاڻي تي ڌاڙا هڻي رهيا آهن

جوهي (رپورٽ رحيم بخش ميمڻ) جوهي تعلقي اندر زرعي پاڻي جي هٽرادو ڪوٽ، بااثر پوٽارن توڙي سندن سهولتڪار ڪاتيدارن پاران پاڻ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

چوهڙجمالي ۾ پان ڪئبن مالڪن جي هڙتال، پان مٽيريل بليڪ تي وڪرو ٿيڻ خلاف احتجاج

چوهڙجمالي: پان ڪئبن ايسوسيئيشن جي سڏ تي ٽائون آفيس کان پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي

مسئلو حل نه ٿيڻ تائين هڙتال جاري رکڻ جو اعلان

چوهڙجمالي (رپورٽ شاهدحسيني)چوهڙجمالي ۾ پان ڪئبن مالڪن جي هڙتال، پان مٽيريل بليڪ تي وڪرو ٿيڻ خلاف احتجاج چوهڙجما/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

معصوم نياڻي مرڪ ميمڻ جي قتل ڪيس ۾ پوليس اهم ڪارروائي

چوٿين مک جوابدار محمد گلزار برفت کي گرفتار ڪري ورتو آهي

گرفتار جوابدار وٽان واردات ۾ استعمال ٿيل ڪلاشنڪوف پڻ هٿ ڪئي وئي آهي

سجاول(رپورٽ امتياز ميمڻ)معصوم نياڻي مرڪ ميمڻ جي قتل ڪيس ۾ پوليس اهم ڪارروائي ڪندي چوٿين مک جوابدار محمد گلزار ب/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

جوهي شهر جي لاشاري پاڙي ۾ مامي پاران ڀاڻيج جي گهر ۾ گهڙي ڀاڻيج ماروي ۽ سندس معصوم ٻارن کي مارڪٽ

پوليس اهلڪار محبوب لاشاري ٻارن سميت جوهي ٿاڻي تي پهچي ويو، ان موقعي تي پوليس اهلڪار محبوب لاشاري ۽ سندس گهرواري ماروي جون ڏانهيو

مامو شاهنواز لاشاري اسانجي گهر ۾ گهڙي عورت ماروي ۽ سندس معصوم پٽ عُبيد کي تشدد جو نشانو بڻايو آهي

گهرو ڳالهين تان مامو اڳ ۾ بيواجبيون ڪندو رهيو آهي، هنن مطالبو ڪيو ته مامي خلاف ڪارروائي ڪري انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي

جوهي (رپورٽ رحيم بخش ميمڻ) جوهي شهر جي لاشاري پاڙي ۾ مامي پاران ڀاڻيج جي گهر ۾ گهڙي ڀاڻيج ماروي ۽ سندس معصوم ٻارن کي مارڪٽ، پوليس اهلڪار محبوب لاشاري ٻارن سميت جوهي ٿاڻي تي پهچي ويو. ان موقعي تي پوليس اه/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

نوجوان ڪرڪيٽر محمد سليمان پنيرو جي مانَ ۾ ميرپورخاص پريس ڪلب پاران آجياڻو، ڳلن جي ورڪا ۽ اجرڪن جا تحفا پيش

ٽيسٽ سيريز لاءِ پاڪستان ڪرڪيٽ ٽيم جي اسڪواڊ ۾ چونڊجڻ تي ميرپورخاص پريس ڪلب پاران آجياڻي واري تقريب منعقد ڪئي وئي

جتي سندس دهلن، شرنائين ۽ گلن سان آجيان ڪئي وئي، پريس ڪلب ۾ ٿيل تقريب دوران ڪيس اجرڪن ۽ لنگين جا تحفا پڻ پيش ڪيا ويا

علي جان پٽي، فهد سلطان چانڊيو، بلال محمود سميت پريس ڪلب جي ٻين عهديدارن ۽ ميمبرن شرڪت ڪئي

ميرپورخاص (بيورو چيف سومار سميجو) عمرڪوٽ جائي ۽ ميرپورخاص ۾ ڪرڪيٽ جا جوهر ڏيکاريندڙ نوجوان ڪرڪيٽر محمد سليمان پنيرو جي سريلنڪا خلاف ٽيسٽ سيريز لاءِ پاڪستان ڪرڪيٽ ٽيم جي اسڪواڊ ۾ چونڊج/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

سيڪريٽري ٽرانسپورٽ اينڊ ماس ٽرانزٽ ڊپارٽمينٽ ڪراچي ڪمشنر سکر ۽ ڊپٽي ڪمشنر سکر جي هدايتن تي جاري

حفاظتي انتظامن جو جائزو وٺڻ سان گڏ ٽرانسپورٽ جي ضابطن تي عملدرآمد کي يقيني بڻائڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن

روٽ پرمٽ، فٽنيس سرٽيفڪيٽ ۽ ايل پي جي سلينڊرن جي موجودگي ۽ استعمال جو جائزو ورتو پيو وڃي

روهڙي(رپورٽر) سيڪريٽري ڊسٽرڪٽ ريجنل ٽرانسپورٽ اٿارٽي سکر فياض احمد منگي جي اڳواڻي ۾ سينٽرل جيل ٽول پلازا روهڙي وٽ پبلڪ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر24

هيرآباد جي فتح پوري چوڪ تي گهر جي پٽ ۽ قبضي واري معاملي تان جهيڙو، ٻن ڀائرن تي تشدد، هڪ زخمي ڪراچي منتقل

گهر جي پٽ ۽ قبضي واري معاملي تان مبينا جهيڙي دوران ڪجهه ماڻهن گهر ۾ داخل ٿي جهوپڙي تي پيٽرول هاري باهه ڏئي ڇڏي

ٻن ڀائرن حسن قريشي ۽ ناصر قريشي کي سخت تشدد جو نشانو بڻايو ويو. تشدد سبب ٻئي ڀائر سخت زخمي ٿي پيا

جن مان هڪ زخمي نوجوان کي ميرپورخاص سول اسپتال مان وڌيڪ علاج لاءِ ڪراچي منتقل ڪيو ويو

ميرپورخاص) بيورو رپورٽ(هيرآباد جي فتح پوري چوڪ تي گهر جي پٽ ۽ قبضي واري معاملي تان جهيڙو، ٻن ڀائرن تي تشدد، هڪ زخمي ڪراچي منتقل ميرپورخاص: هيرآباد جي علائقي فتح پوري چوڪ تي گهر جي پٽ ۽ قبضي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

ڳوٺ سليمان سومرو جي اسڪول ۾ تعليم جي تباهيءَ جون شڪايتون، ڳوٺاڻن جو ماستر خلاف احتجاج، بدلي جو مطالبو

ڳوٺ سليمان سومرو، ٽنڊو روڊ، بدين ۾ قائم اسڪول جي تعليمي صورتحال بابت ڳوٺاڻن سخت شڪايتون ڪندي نيشنل پريس ڪلب جي صحافين آڏو پنهنجا مسئلا بيان ڪيا

اسڪول ۾ مقرر استاد شادي خان سومرو ٻارڙن کي صحيح نموني تعليم نٿو ڏئي ۽ مٿن تشدد پڻ ڪري ٿو

ٻارڙا استاد کان انگريزيءَ جا اکر ABC پڙهائڻ جي گهر ڪن ٿا ته کين مبينا طور ڌيڄاريو وڃي ٿو ته ABC پڙهڻ سان انگريز ڪين ڪٽي ويندا

بدين:(رجب راهمون) ڳوٺ سليمان سومرو جي اسڪول ۾ تعليم جي تباهيءَ جون شڪايتون، ڳوٺاڻن جو ماستر خلاف احتجاج، بدلي جو مطالبو ڳوٺ سليمان سومرو، ٽنڊو روڊ، بدين ۾ قائم اسڪول جي تعليمي صورتحال بابت ڳوٺاڻ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

علائقي واسين جون دانهون، ڀهڊمي کان ڪڍڻ ۽ بدين ويندڙ اهم سم نالي جي موري ٽٽڻ جي خطري هيٺ، عوام پريشان

ڀهڊمي کان اولهه طرف لڳ ڀڳ 3 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي قائم سم نالي جي موري ٽٽڻ جي خطري هيٺ اچي وئي آهي

جنهن سبب علائقي جا رهواسي سخت پريشانيءَ جو شڪار آهن هيءَ سم موري ڀهڊمي کان ڪڍڻ ۽ بدين ڏانهن ويندڙ ماڻهن لاءِ اهم گذرگاهه آهي

جتان بخشو ديرو، لاکو پيپر، روپا ماڙي، پڳڙا ميمڻ ۽ سيراڻي سميت ڪيترن ئي ڳوٺن جا رهواسي روزانو اچ وڃ ڪن ٿا

بدين:(رجب راهمون) علائقي واسين جون دانهون، ڀهڊمي کان ڪڍڻ ۽ بدين ويندڙ اهم سم نالي جي موري ٽٽڻ جي خطري هيٺ، عوام پريشان بدين: علائقي واسين موجب ڀهڊمي کان اولهه طرف لڳ ڀڳ 3 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

روهڙي جي علائقي بسم الله ڪالوني جي رهواسين جو بنيادي سهولتن جي کوٽ ۽ مبينا ڌمڪين خلاف احتجاج

بسم الله ڪالوني جي رهواسين جو بنيادي سهولتن جي کوٽ ۽ مبينا ڌمڪين خلاف پريس ڪلب آڏو احتجاج، تدارڪ جي گهُر

شاهد حسين شاهه، علي حيدر شاهه، شاهه مراد شاهه، شهناز شاهه ۽ فوزيا شاهه جي اڳواڻي ۾ روهڙي پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

هنن 7 سال اڳ پٺا برادري جي ماڻهن کان پلاٽ خريد ڪيا هئا جن پاران علائقي ۾ نيڪال جو نظام، پارڪ، مسجد ۽ ٻيون بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ جا واعدا ڪيا ويا هئا

روهڙي(رپورٽ : جمال ڪٽپر) روهڙي جي علائقي بسم الله ڪالوني جي رهواسين جو بنيادي سهولتن جي کوٽ ۽ مبينا ڌمڪين خلاف پريس ڪلب آڏو احتجاج، تدارڪ جي گهُر تفصيل موجب روهڙي جي علائقي اچيون قبيون بسم الل/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28

ميرپورخاص ۾ منشيات جو کليل ڪاروبار، ٽوڪن تي منشيات ملڻ جا الزام، پوليس جي ڪارڪردگيءَ تي سوال

عمرڪوٽ روڊ تي محمود آباد ٿاڻي جي حد ۾ ماروي گودام سامهون قائم ڪيبن تان ٽوڪن ڏيڻ تي منشيات فراهم ڪرڻ جا الزام آهن

غريب آباد ٿاڻي جي حد ۾ پاڪ ڪالوني ۽ محمدي ڪوارٽرز جي ڪمپائونڊ وال واري علائقي ۾ منشيات جي مبينا وڪري جو سلسلو جاري هجڻ جا الزام لڳايا ويا

ميرپورخاص (بيورو چيف سومار سميجو) ميرپورخاص شهر ۾ منشيات جي مبينا کليل وڪري سبب منشيات جي روڪٿام لاءِ ڪنيل قدمن تي سوال اڀري رهيا آهن. مليل اطلاعن موجب عمرڪوٽ روڊ تي محمودآباد ٿاڻي جي حد ۾ ماروي گودام سامهون قائم ڪيبن تان ٽوڪن ڏيڻ تي منشيات فراهم ڪرڻ جا الزام آهن. جڏهن ته جرواري شاخ چوڪ تي پڻ منشيات/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر29

ميرپورخاص ۾ ڊاڪٽر گهر اندر ڦاهو ڪائي زندگي جو انت آڻي ڇڏيو

واقعي کانپوءِ وارثن پاران سول اسپتال جي ڊاڪٽرن تي ڇتي تنقيد ڪئي وئي

ڊاڪٽر چندر مالهي جي گهر اندر ڦاهو ڪائڻ سبب فوت ٿيڻ جي ڄاڻ سامهون آئي

ميرپورخاص (بيورو رپورٽ) ميرپورخاص جي جمناداس ڪالوني واسي پرائيويٽ ڊينٽل ڊاڪٽر چندر مالهي گهر اندر ڦاهو ڪائي مبينا طور خودڪشي ڪري ڇڏي، جنهن کي وارث سول اسپتال ميرپورخاص کڻي پهتا، جتي دل جي وارڊ ۾ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر30